روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
REG NO. 3833
ABC Certified
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمعو 20 آڪٽوبر 2023 ع بمطابق 04 ربيع الثاني 1445ھ (قيمت 05 رويا) شمارو 144

فورسز جو دهشتگردن سان مقابلو، 4 جوان شهيد، 6 دهشتگرد مارجي ويا

سڪيورٽي فورسز سان مقابلي ۾ دهشتگردن جو سرغنہ حضرت زمان عرف خاوري ملا پڻ مارجي ويو، جيڪو ڪيترن ئي دهشتگرد ڪاررواين ۾ ملوث هو

اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ 3 جوان بہ شهيد ٿي ويا، شهيدن ۾ لانس نائيڪ تبسم الحق، سپاهي نعيم اختر ۽ سپاهي عبدالحميد شامل آهن : آءِ ايس پي آر

ڏکڻ وزيرستان واري علائقي ۾ سڪيورٽي فورسز جو دهشتگردن سان مقابلو ٿيو، جنهن ۾ سپاهي فرمان علي شهيد ٿي ويو

پاڪستان جي سڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن، اسان جي بهادر جوانن جون اهڙيون قربانيون اسان جي عزم کي مضبوط ڪن ٿيون

راولپنڊي (م د) اتر ۽ ڏکڻ وزيرستان ۾ سڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا جڏهن تہ پاڪ فوج جا 4 جوان شهيد ٿي ويا. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري ڪاتي (آءِ ايس پي آر) موجب اتر وزيرستان ۾ سڪيورٽي فورسز ۽ دهشتگردن وچ ۾ مقابلي ۾ 6 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب سڪيورٽي فورسز سان مقابلي ۾ دهشتگردن جو سرغنہ حضرت زمان عرف خاوري ملا پڻ مارجي ويو، جيڪو ڪيترن ئي دهشتگرد ڪاررواين ۾ ملوث هو آءِ ايس پي آر موجب اتر وزيرستان ۾ دهشتگردن سان مقابلي ۾ 3 جوان بہ شهيد ٿي ويا، شهيدن ۾ لانس نائيڪ تبسم الحق، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڊالر ڪي وري ريورس گيئر، انٽربينڪ ۽ اوپن مارڪيٽ ٻنهي ۾ سستو

ڪراچي (رپورٽر) رپئي جي بي قدري جو سلسلو بهيجي ويو، ٻن ڏينهن کانپوءِ انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت ۾ گهٽتائي ڏٺي وئي. اسٽيٽ بئنڪ موجب انٽربئنڪ ۾ ڊالر هڪ رپيو 47 پئسا سستو ٿي 278 رپين 81 پئسن تي بند ٿيو. هوڏانهن اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جي وڪري جي قيمت 279 رپيا آهي. ياد رهي تہ تقريبن هڪ مهينو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

اسلام آباد: صدر عارف علوي صحافين سان ڳڏجاڻي دوران ڳالهائي رهيو آهي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نواز شريف کي العزيزيہ ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ سزا ملڻ تي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو

نواز شريف جي وطن واپسي تي ڪيس گرفتار نہ ڪيو وڃي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نواز شريف جي 24 آڪٽوبر تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي : سپريم ڪورٽ

العزيزيہ اسٽيل ملز ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ نواز شريف جي قانوني ٽيم سڪيورٽي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پهچي وئي

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب نواز شريف جي حفاظتي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي

نواز شريف جا وڪيل امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن تہ نيب پراسيڪيوٽر رفيع مقصود ۽ افضل قريشي بہ عدالت ۾ پيش ٿيا

نواز شريف ٽرائل ڪورٽ ۾ اشتهاري هو، جا وارنٽ معطل ٿي چڪا آهن (اعظم نذير تارڙ) اسان حفاظتي بانڊ ڏئي ڪيس سومر لاءِ مقرر ڪيو آهي : چيف جسٽس عامر فاروق

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نواز شريف کي العزيزيہ ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ سزا ملڻ تي گرفتاري کان روڪي ڇڏيو آهي سپريم ڪورٽ چيو آهي تہ نواز شريف جي وطن واپسي تي ڪيس گرفتار نہ ڪيو وڃي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ نواز شريف جي 24 آڪٽوبر تائين حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي. العزيزيہ اسٽيل ملز ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ نواز شريف جي قانوني ٽيم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سپريم ڪورٽ ۾ چونڊن ۽ فوجي عدالتن جا ڪيس ٻڌڻ لاءِ مقرر ٿيڻ وارا آهن: چيف جسٽس

چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پاڪ عرب ريفائنري ملازمن ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي

ٻڌڻي دوران ملازمن جي وڪيل استدعا ڪئي تہ پاڪ عرب ريفائنري ملازمن جو ڪيس 15 ڏينهن کان پوءِ مقرر ڪريو

اسلام آباد (رپورٽر) سپريم ڪورٽ ۾ وڏن ڪيسز جي ٻڌڻي ڪرڻ جو فيصلو ٿي ويو. چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ عام چونڊن ۽ فوجي عدالتن جا ڪيس ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪرڻ جو اشارو ڏئي چڪو آهي. پريڪٽس اينڊ پروسيجر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

شيخ رشيد گمشدگي ڪيس: پوليس کي 26 آڪٽوبر تائين بازياب ڪرائڻ جو حڪم

شيخ رشيد جي گمشدگي بابت ڪيس جي ٻڌڻي لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بينچ جي جسٽس صداقت علي خان ڪئي

عدالت پوليس طرفان شيخ رشيد احمد جي بازيابي لاءِ وڌيڪ مهلت جي استدعا منظور ڪندي 26 آڪٽوبر تائين بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

سي پي او ايس ايس پي آپريشن ۽ پوليس آفيسر شيخ رشيد جي گرفتاري ۾ ملوث نہ آهن : آر پي او

راولپنڊي: عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد کي عدالت ۾ آندو پيو وڃي

راولپنڊي (م د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهہ شيخ رشيد جي گمشدگي واري ڪيس ۾ عدالت پوليس کي شيخ رشيد کي 26 آڪٽوبر تائين بازياب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

روس کان سستي تيل جي خريداري جو معاهدو طئي ٿي ويو

اسلام آباد (م د) روس ۽ پاڪستان وچ ۾ تيل جي خريداري جو معاهدو طئي ٿي ويو. ڪمرشل معاهدي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

بيجنگ: نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ چيني صدر سان ملاقات دوران ڳالهيون ڪندي

رياستي سطح تي آجيان سان چونڊون ۾ فتح ناهي ملندي: فيصل ڪريم ڪنڊي

ن ليگ جو نواز شريف جي آجيان بدلي جنت جو اعلان حيرت جوڳو آهي

20 هزار اهلڪارن جي ڊيوٽي سان نواز شريف جو جلسو ڀلي ٿي وڃي

آئين ۾ ڪٿي لکيل آهي تہ هڪ شخص جي سليڪشن لاءِ چونڊون روڪيون وڃن

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پ پ جي اطلاعات سيڪريٽري فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي تہ 20 هزار اهلڪارن جي ڊيوٽي سان نواز شريف جو جلسو ڀلي ٿي وڃي پر رياستي سطح تي آجيان سان چونڊون ۾ فتح ناهي ملندي. ن ليگ قائد نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

عدالتي فيصلي جي آجيان، ضمانت نواز شريف جو بنيادي حق آهي: شهباز شريف

ضمانت نواز شريف جو بنيادي حق آهي، اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا

چونڊيل وزيراعظم نواز شريف کي هٽ نوڪي کهاڻي جي بنياد تي نااهل ڪيو ويو آهي

وڌيڪ چيو تہ ڪنهن بہ منصفاڻي ٻڌڻي سان نواز شريف جي بي گناهي ثابت ٿي وڃي ها

لاهور (م د) پاڪستان مسلم ليگ (ن) جي صدر ۽ اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ ضمانت نواز شريف جو بنيادي حق آهي. اسلام آباد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نواز شريف جي ضمانت منظور ڪري قانون سان مذاق اڏايو ويو: شعيب شاهين

تاريخ ۾ اهڙو مثال ناهي مليو جو ڪنهن مجرم کي ضمانت ملي هجي

عدالت پاڻ چيو تہ درخواست ٻڌڻي جوڳي ناهي، نيب کي ڪنهن چيو تہ اچي بيٺو

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي قانوني ٽيم جي ميمبر شعيب شاهين چيو آهي تہ اڄ نواز شريف جي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آمريڪي قائم مقام قونصل جنرل پاران برگيڊيئر (ر) حارث نواز سان ملاقات

ڪراچي: آمريڪي قائم مقام قونصل جنرل پاران برگيڊيئر (ر) حارث نواز سان ملاقات ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) آمريڪي قائم مقام قونصل جنرل جمي مولدين ۽ مذهبي آزادي جي سفير جنرل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

آءِ ايم ايف پهرين جولاءِ کان گئس جي قيمتن ۾ واڌ نہ ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو

آءِ ايم ايف مطالبو ڪيو آهي تہ ناڻي واري وزارت ۽ اقتصادي رابطہ ڪميٽي جو اجلاس ڪهرائي فوري طور تي گيس جي قيمتن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وڃي: ذريعا

آءِ ايم ايف جي مطالبي تي گئس جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ اقتصادي رابطہ ڪميٽي جو اجلاس سومر جي ڏينهن طلب ڪيو ويو آهي

اسلام آباد (م د) عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) پهرين جولاءِ کان گئس جي قيمتن ۾ واڌ نہ ڪرڻ تي ڳڻتي جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. ذريعن موجب آءِ ايم ايف مطالبو ڪيو آهي تہ ناڻي واري وزارت ۽ اقتصادي رابطہ ڪميٽي جو اجلاس ڪهرائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

چيف جسٽس جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس طلب ڪري ورتو

وقتي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ عرفان سادات جو نالو تجويز ڪيو ويو

اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن جي مقرري جي طريقيڪار بابت بہ تجويزون طلب ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جوڊيشل ڪميشن جو اجلاس طلب ڪري ورتو سپريم ڪورٽ جي جج /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

نگران گهرو وزير رٽائر برگيڊيئر حارث نواز ۽ آئي جي سنڌ ماڙي پهتا، تعزيت

نگران گهرو وزير قانون لاڳو ڪندڙ ادارن هٿان شهيد ٿيندڙ چئن ڳوٺاڻن جي تڏي تي سندن وارثن وٽ پهتا

قيامت صغريٰ جو منظر هو 28 سيپٽمبر تي جنهن ڏينهن اسان جي هٿين خالي مارو ۽ پورهيت ماڻهن مٿان سڌيون گوليون هلائي کين شهيد ڪيو ويو: وارث

چئن شهيدن لاءِ في شهيد 80 لک رپيہ ۽ چئن زخمين لاءِ في زخمي 20 لک رپيہ ڏيڻ جو اعلان ڪريون ٿا: حارث نواز

سڪرنڊ (رپورٽر) نگران گهرو وزير رٽائر برگيڊيئر حارث نواز ۽ آئي جي سنڌ رفعت مختيار ٽي هفتا اڳ سڪرنڊ جي ڳوٺ ماڙي جلباڻي ۾ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن هٿان شهيد ٿيندڙ چئن ڳوٺاڻن جي تڏي تي سندن وارثن وٽ پهتا جتي شهيدن جي وارثن ۽ ڳوٺ جي ٽيڪ مردن ٻاغ علي جلباڻي ۽ حاجي گل حسن جلباڻي مٿن ٿيندڙ ظلم جو داستان ٻڌائيندي چيو تہ قيامت صغريٰ جو منظر هو 28 سيپٽمبر تي جنهن ڏينهن اسان جي هٿين خالي مارو ۽ پورهيت ماڻهن مٿان سڌيون گوليون هلائي کين شهيد ڪيو ويو سندس ڏکن ڀري ڪهاڻي ٻڌڻ کان اڳ هنن شهيدن جي وارثن سان عذرخواهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

سڪرنڊ: نگران گهرو وزير رٽائر برگيڊيئر حارث نواز ۽ آئي جي سنڌ رفعت مختيار تعزيت ڪندي

گم ٿي ويلن جو ڪيس: سنڌ هاءِ ڪورٽ پوليس ڪارڪردگي تي عدم اعتماد ظاهر ڪري ڇڏيو، اختيارين کان اڳيرائي رپورٽ طلب

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ جي آڏو گم ٿي ويل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي ٿي

ڪامران 2016 ع کان گم آهي سندس اڄ تائين ڪا بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي، اسان جا پيارا ڪٿي آهن ڪهڙي حال ۾ آهن: گهرڀاتي

ڪجھ تہ ٻڌايو وڃي. هڪ ٻئي گم ٿي ويل شخص جي گهرڀاتين ٻڌايو تہ منهنجو پٽ مشتاق 2015 ع کان گم آهي

ڪراچي: گم ٿي ويلن جي بازيابي سنڌس وارث ڪورٽ ٻاهران احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ گم ٿي ويلن جي بازيابي بابت درخواستن تي پوليس ڪارڪردگي تي عدم اطمينان جو اظهار ڪندي اختيارين کان اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو جي سربراهي ۾ 2 رڪني بينچ جي آڏو گم ٿي ويل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي ٿي جنهن ۾ گم ٿي ويل شخص جي گهرڀاتين چيو تہ ڪامران 2016 ع کان گم آهي سندس اڄ تائين ڪا بہ خبر نہ پئجي سگهي آهي. اسان جا پيارا ڪٿي آهن ڪهڙي حال ۾ آهن. ڪجھ تہ ٻڌايو وڃي. هڪ ٻئي گم ٿي ويل شخص جي گهرڀاتين ٻڌايو تہ منهنجو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

خان جي ڪيسز ۾ ضمانت درخواست واري ڪاز لسٽ ڪينسل

پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪيسز ۾ ضمانت درخواست جي ڪاز لسٽ ڪينسل ڪئي وئي

پي ٽي آءِ چيئرمين جون درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اڄ ٻڌڻي لاءِ مقرر هيون

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪيسز ۾ ضمانت درخواست جي ڪاز لسٽ ڪينسل ڪري ڇڏي، اسلام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

مشهور قانون دان ايس ايم ظفر لاڏاڻو ڪري ويو

ايس ايم ظفر جي گهرواري سندس وفات جي تصديق ڪري ڇڏي

مرحوم مشهور قانوندان سينيٽر علي ظفر جو والد هو

لاهور (م د) اڳوڻو وفاقي وزير ۽ نامور قانوندان ايس ايم ظفر لاڏاڻو ڪري ويو، ايس ايم ظفر جي گهرواري سندس وفات جي تصديق ڪري ڇڏي آهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

سعودي پرڏيهي وزير جون ايران، پاڪستان ۽ ترڪ پرڏيهي وزيرن سان ڌار ڌار ملاقاتون

شهزادي فيصل بن فرحان ايران، پاڪستان ۽ ترڪ پرڏيهي وزيرن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون

شهزادي فيصل پرڏيهي وزيرن کي غزه ۾ هٿين خالي شهرين کي نشانو بنائڻ خلاف سعودي موقف کان آگاهہ ڪيو

جده (م د) غزه ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جو جائزو وٺڻ لاءِ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جو اجلاس ٿي گڏريو اجلاس ۾ سعودي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

جده: شهزادي فيصل پاڪستاني پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني سان ملاقات ڪندي

مليرِ ۾ نينگر کي بدفعلي بعد بدترين تشدد ڪري لاش ڦٽو ڪيو ويو

سکڻ پوليس سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ مقتول نينگر ڪو وارث ظاهر ناهي ٿيو

پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ نينگر تي بدترين تشدد ۽ بدفعلي جي تصديق ڪئي وئي

پوسٽ مارٽم 9 ڪلاڪ دير سان ڪرڻ تي ايم ايل او خلاف ڪارروائي شروع ڪئي وئي

ڪراچي (م د) پورٽ قاسم ويجهو نينگر جي هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ناهي ٿي سگهي. ميڊيڪل رپورٽ ۾ معصوم ٻار سان بدفعلي جي تصديق ٿي آهي، سکڻ پوليس سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي جڏهن تہ مقتول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

سنڌ انڊسٽريل پاليسي کي هن مهيني (آڪٽوبر) جي آخر تائين حتمي شڪل ڏني ويندي: يونس ڍاڳا

معاشي ترقي ذريعي ئي عوام جون حالتون بهتر ڪري سگهجن ٿيون ۽ اهوئي نگران حڪومت جو ويزن آهي

سنڌ انڊسٽريل پاليسي ناهڻ جو ڪم وڏي حد تائين مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ان جي مسودي کي 30 آڪٽوبر 2023 ع تائين حتمي شڪل ڏني ويندي: قيصر بنگالي

پاليسي کي جامع بنائڻ لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز جا ويچار شامل ڪيا ويا آهن جن ۾ آءِ بي اي ڪراچي، آءِ بي اي سکر، شاهہ لطيف يونيورسٽي خيرپور جا نمائندا شامل آهن

ڪراچي (رپورٽر) نگران صوبائي وزير ريونيو ۽ صنعت محمد يونس ڍاڳا جي صدارت هيٺ اڄ سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ سنڌ انڊسٽريل پاليسي کي حتمي شڪل ڏيڻ بابت جائزو ورتو ويو. اجلاس ۾ سيڪريٽري صنعت رشيد احمد سولنگي ۽ ملڪ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي نيٽ ٽرانسپورٽرن کي ڀاڙا گهٽائڻ تي راضي ڪري ورتو

سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي جو ڀاڙن ۾ گهٽتائي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ٽرانسپورٽر 10 سيڪڙو ڀاڙا گهٽائڻ تي راضي ٿي ويا

ٽرانسپورٽ کاتي ڪراچي کان سڄي ملڪ ۾ هلندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪيو

ڪراچي (م د) پيٽروليم شين جا اگهہ گهٽجڻ کانپوءِ سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي نيٽ ٽرانسپورٽرن کي ڀاڙا گهٽائڻ تي راضي ڪري ورتو. سنڌ جي ٽرانسپورٽ کاتي جو ڀاڙن ۾ گهٽتائي بابت اجلاس ٿيو، جنهن ۾ ٽرانسپورٽر 10 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

غزه تي بمباري روڪرائڻ لاءِ آمريڪا ۾ مظاهرو ڪندڙ سوين يهودي گرفتار

مظاهرو ڪندڙ تقريبن 500 يهودين کي آمريڪي ڪانگريس ۾ گرفتار ڪيو ويو

جنگ مخالف گروپ جيوش وائس فار پيس طرفان اهو مظاهرو ڪيو ويو

واشنگٽن (م د) غزه ۾ فلسطينين تي اسرائيلي بمباري روڪرائڻ جي لاءِ مظاهرو ڪندڙ تقريبن 500 يهودين کي آمريڪي ڪانگريس ۾ گرفتار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

ايف بي آر يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن جا 10 اڪائونٽ منجمند ڪري ڇڏيا

يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 8 ارب رپيا ادا ناهن ڪيا

يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي سيلز ٽيڪس جي سيڪشن 48 ون بي تحت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي : ايف بي آر

اسلام آباد (م د) فيڊرل بورڊ آف ريونيو (ايف بي آر) يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن جا ڏهہ اڪائونٽ منجمند ڪري ڇڏيا، ايف بي آر موجب يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن سيلز ٽيڪس جي مد ۾ 8 ارب رپيا ادا ناهن ڪيا. ايف بي آر جو چوڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

غزه جي صورتحال تي سيني کي ڳڻتي آهي : پرڏيهي آفيس ترجمان

پاڪستان فلسطين جي حفاظت لاءِ فوج موڪلڻ جو ڪو بہ فيصلو ناهي ڪيو : ممتاز زهرا بلوچ

اميد تہ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل غزه جي صورتحال تي ڀرپور قدم کڻندي

او آءِ سي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي پڌرنامي جي آجيان ڪري ٿو

ڪراچي (م د) غزه تي فلسطيني جارحيت کي منهن ڏيڻ لاءِ پاڪ فوج غزه موڪلڻ بابت پرڏيهي وزارت جو اهم بيان سامهون اچي ويو آهي پرڏيهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

اين ڊي ايم اي مظلوم فلسطينين لاءِ امداد جي پهرين کيپ موڪلي ڇڏي

راولپنڊي (م د) پاڪ فوج ۽ نيشنل ڊزاسٽر مئنيجمينٽ اٿارٽي (اين ڊي ايم اي) مظلوم فلسطينين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

گجرخان: قومي اسيمبلي جو اسپيڪر راجا پرويز اشرف بار ايسوسيئشن کي خطاب ڪري رهيو آهي

شڪايتون ملڻ تي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو انسپيڪٽر برطرف

ڊائريڪٽر جنرل اسحاق کهڙو 14 هين گريڊ بلڊنگ انسپيڪٽر خلاف شڪايتون ملڻ تي برطرف ڪيو ويو

هيڊ ڪوارٽر اندر ايڊمنسٽريشن سيڪشن ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل شڪايتون ملڻ تي بلڊنگ انسپيڪٽر کي برطرف ڪري ڇڏيو سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ٽنڊوالهيار ۾ شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ ريلي

ريلي ۾ صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن، وڪيلن سميت واپاري اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نہ ٿيڻ پوليس ۽ انتظاميہ جي لاپرواهي جو ثبوت آهي : خالد کوکر

پوليس ڪچي ۾ ڀاڙي جو بهانو ڪري قاتل گرفتار ڪرڻ کان لهنوائي رهي آهي، هي صحافين جو آواز دٻائڻ چاهين ٿا، جيڪو ڪڏهن بہ دٻجي نہ سگهي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار ۽ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي يونٽ ٽنڊوالهيار پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

جيڪو وزير داخلا ماڙي جلباڻي جي ماڻهون کي دهشتگرد چئو هو اڄ اهو هي چئي پيو تہ اوهان بيگناهہ آهيو: رياض چانڊيو

حيدرآباد (رپورٽر) چيئرمين جيئي سنڌ محاذ رياض علي چانڊيو پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ٽنڊوالهيار: شهيد صحافي جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نڪتل ريلي جو ڏيک

فلسطينين سان يڪجهتي لاءِ ترڪيہ ۾ سوڳ جو اعلان

فلسطيني ڀائرن کي ڀڇندڙ سور کي دلين ۾ محسوس ڪريون پيا : ترڪ صدر

احترام جي طور تي اسان جي ملڪ ۾ ٽي ڏينهن قومي سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي

انقرا (م د) فلسطينين سان يڪجهتي جي اظهار لاءِ ترڪي سڄي ملڪ ۾ 3 ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪري ڇڏيو پرڏيهي ميڊيا جي رپورٽ موجب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

غزا جي اسپتالن ۾ بنيادي سهولتون ختم، ڊاڪٽر بغير نشي جي زخمين جا آپريشن ڪرڻ تي مجبور

غزا سٽي ۽ ڏکڻ علائقن ۾ رهائشي عمارتن تي تازن حملن ۾ عورتن ۽ ٻارن سوڌو ڪيترائي فلسطيني شهيد ٿي ويا

اسپتال تي حملي کان پوءِ اسرائيل هڪ ٿي ڏينهن ۾ وڌيڪ 433 فلسطينين کي شهيد ڪري ڇڏيو

غزا (م د) غزا ۾ اسرائيلي وحشيانہ بمباري 12 هين ڏينهن بہ جاري آهي، لاڳيتو بمباري ۽ سخت ناڪہ بندي سبب اسپتالن ۾ بنيادي سهولتون ختم ٿي وڃن، ڊاڪٽر اسپتالن جي اڱڻ ۾ بيهوش ڪرڻ کانسواءِ آپريشن ڪرڻ تي مجبور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

وڌيڪ اپت سبب چانورن جا اگهہ گهٽجي ويا

هن سال چانورن جي برآمدن لاءِ 3 ارب رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو

چانورن جي اگهن ۾ وڏي گهٽتائي ڏٺي وئي آهي ۽ چانور 25 سيڪڙو تائين سستا ٿي ويندا

ڪراچي (م د) ملڪ ۾ هن سال وڌيڪ اپت سبب چانورن جا اگهہ گهٽجي ويا. ڊالر جو قدر وڃائڻ سبب مهانگائي جي اثر گهٽجڻ سان گڏوگڏ وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم

عدالت ۾ ايڊووڪيٽ محمد ايوب ملڪ جي گهر تي ريتي پوليس جي چڙهائي خلاف داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي ٿي

ٻڌڻي دوران عدالت ايس ايڇ او ريتي رمضان ميراڻي، اي ايس آءِ فضل لغاري، شاهنواز لغاري ڳوٺ ٽيو ۽ ٻين اهلڪارن حق نواز چانڊيو ۽ محرم خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

اوٻاوڙو (رپورٽر) اوٻاوڙو جي عدالت ريتي ٿاڻي تي عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. عدالت ۾ ايڊووڪيٽ محمد ايوب ملڪ جي گهر تي ريتي پوليس جي چڙهائي خلاف داخل ڪرايل درخواست تي ٻڌڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

مريضن کي دوائن جي فراهمي ۽ طبي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي: محمد سجاد حيدر

افسوس آهي ته اسپتالن ۾ دوائن جي کوٽ آهي. دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن

حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي، اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته دوائون فراهم ڪيون

ڊاڪٽرن کي هدايت آهي ته ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن هتي مريضن جو علاج ڪريو ڇو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڪمشنر شهيد بينظير آباد ڊويزن سيد محمد سجاد حيدر سموري سرڪاري اسپتالن جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ کي هدايت ڪئي آهي ته اسپتالن ۾ مريضن کي دوائن جي فراهمي ۽ بهتر طبي سهولتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

نوشهروفيروز: ڪمشنر شهيد بينظير آباد اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

شڪارپور ۾ پيپلز لائير فورم جو اجلاس، ميمبر شپ جي مهم هلائڻ تي غور ويچار

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) پاڪستان پيپلز لائير فورم جو اجلاس شڪارپور تيوبار ۾ سينيئر قانوندان نصير احمد خان لوڌي جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ پيپلز لائير فورم لاڙڪاڻي ڊويزن جي عهديدارن صدر آغا غضنفر علي پٺاڻ، جنرل سيڪريٽري محمد امين شيخ، انفارميشن سيڪريٽري طارق احمد ڪهاوڙ، وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ڊائريڪٽر پاران مختلف وارڊز جو دورو، مريضن سان ملاقات

ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سڄڻ هاليپوٽو ڊي ايڇ ڪيو سول اسپتال جي وارڊن جو دورو ڪيو ۽ معلومات ورتي

ڊائلاسز سينٽر کي مڪمل بحال ڪيو ويندو جيڪو ڪيترن ئي سالن کان بند پيل هو: ڊاڪٽر سڄڻ هاليپوٽو

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سڄڻ هاليپوٽو ڊي ايڇ ڪيو ۽ سول اسپتال دادو جي مختلف وارڊز جو دورو ڪيو ڊائريڪٽر سان گڏ حيدرآباد لمس جي ڊائلاسز جي ٽيم به موجود هئي. سول اسپتال ۾ قائم ڊائلاسز وارڊ جو دورو ڪيو ان موقعي تي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سڄڻ هاليپوٽو چيو ته ڪجهه ڏينهن ۾ ڊائلاسز سينٽر کي مڪمل بحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي ٿيندڙ غيرقانوني قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيون، احتجاجي مظاهرو

جعلي ٺهندڙ ڪاغذن کي ڪو ٻنجو اچي سگهيو ناهي، جنهن ڪري ڪوهستان واسين سخت پريشان آهن: رهواسي

ڪوڙن ڪاغذن جي اڌار تي عبدالستار ولد عبدالله ۽ سندس والد قبضو ڪري اسانکي بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا: بصرالدين

زمينن جي ڪاتن ۾ ٿيندڙ هيراڦيري جو نوٽيس وٺي رڪارڊ جي انڪوائري ڪرائي ڪين تحفظ مهيا ڪيو وڃي: پريس ڪانفرنس

ٺٽو (بر) ڪوهستاني پٽي جي زمينن تي ٿيندڙ غيرقانوني قبضا توڙي والارون ختم ٿي نه سگهيو ۽ نئي جعلي ٺهندڙ ڪاغذن کي ڪو ٻنجو اچي سگهيو اهي، جنهن ڪري ڪوهستان واسين سخت پريشان اهن. ان سلسلي ۾ ڳوٺ ڪلر ڪوهر جي رهواسي متاثر ڪوهستان واسي بصرالدين ولد يامين پالاري ۽ نصير احمد ولد محمد شريف پالاري مڪلي پهچي سندن ڪوهستاني /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺٽو: ڪوهستاني پٽي واسي زمينن تي قبضو ڪندڙن خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ڊسٽرڪٽ بار سکر پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪندي فلسطين جي حق ۾ احتجاج

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) ڊسٽرڪٽ بار سکر پاران عدالتي ڪارروائي جو بائيڪاٽ ڪندي فلسطين ۾ ظلم خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي فلسطيني مسلمانن تي ٿيندڙ ظلم بند ڪرڻ ۽ انساني حقن جي سنگين خلاف ورزي بند ڪرڻ لاءِ سخت نعريبازي ڪئي. ريلي جي اڳواڻي بار جو صدر شفقت رحيم راجپوت، جنرل سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

جهڏو پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار بدستور جاري، ڪيبن هلائيندڙ خلاف ڇاپا

پوليس بااثر منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڪيبن هلائيندڙ جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

ڏاڃهيرو موري سبزي منڊي نبي سروڙ گهگهه موري توڙي شهر جي پرپاسي منشيات وڪرجيان وڪامن لڳو

منشيات فروشن ۽ سندن سرپرستي ڪندڙ جهڏو پوليس خلاف بک هڙتال ڪئي ويندي: ساجاهه وندن جون ڳالهيون

جهڏو (رپورٽ ممتاز جوڻيجو) جهڏو پوليس جي سرپرستي ۾ منشيات جو ڪاروبار بدستور جاري پوليس بااثر منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪرڻ بدران ڪيبن هلائيندڙ غريب ماڻهو جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو جهڏو ڏاڃهيرو موري سبزي منڊي نبي سروڙ گهگهه موري توڙي شهر جي پسگردائي ۾ منشيات وڪرجيان وڪامن لڳو منشيات فروشن ڪاروائي ڪئي وڃي جهڏو واسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ فلسطين جي شهيدن سان اظهار يڪجهتي لاءِ احتجاج

حاڪم علي جسڪاڻي، حسين بخش ناريجي، محمد حنيف سومري، فياض پالاري جي اڳواڻي ۾ مظاهرو

هزارين جيالا سچل ڳوٺ کان سپرهاءِ وي، لياري ايڪسپريس وي کان ٿيندي بلاول هائوس جي آڏو پهتا، نعريبازي

بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ڏنل مشن تحت شهيدن جي وارثن سان گڏ هونداسين: اڳواڻ

ڪراچي (رپورٽر) ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ ۽ فلسطين جي شهيدن سان اظهار يڪجهتي لاءِ اين اي 242 جي جيالن پاران پ پ اڳواڻ حاڪم علي جسڪاڻي، حسين بخش ناريجي، محمد حنيف سومري، فياض پالاري، اشفاق /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

ڪراچي: ڪارساز جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

دادو ۾ ڦورن هٿان قتل ٿيل شاگرد دانش جمالي جي ٻهرين ورسي، جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) شهيد دانش جمالي جدوجهد ڪاميٽي ۽ سندس وارثن سول سوسائٽي پاران واقعي واري هنڌ ڏيئا ميڻ بتيون ٻاري گل نڇاور ڪري دعا گهري وئي: دادو ۾ ڦر دوران مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿيل دانش جمالي جي ٻهرين ورسي ملهائي وئي، دادو شهر جي اي سيڪشن ٺاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو محمد خان ۾ بيواهه عورت سان مبينه لڄ لٽ جي ڪوشش، پاڻ ساڙڻ جو اعلان

ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي علائقي جي رهواسڻ مريم خاصخيلي سان مبينه لڄ لٽ جي ڪوشش

مريم خاصخيلي مڙس جي سروس بڪ حاصل ڪرڻ لاءِ ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي سپرنٽنڊنٽ آفيس پهتي

پوليس وٽ ڪيس داخل ڪرائڻ کان روڪڻ لاءِ 3 ملازمن پاران ڌمڪيون، متاثر عورت پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي علائقي ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم ۾ بيواهه عورت کي فارم جي اڪائونٽنٽ پاران مبينه طور تي لڄ لٽ ڪرڻ جي ڪوشش تان پوليس وٽ ڪيس داخل ڪرائڻ کان روڪڻ لاءِ 3 ملازمن پاران ڌمڪيون، متاثر عورت جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، خبر موجب ٽنڊو محمد خان جي علائقي ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي آفيس ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

نئون ڪوٽ ۾ مليريا وبائي صورت اختيار ڪري وئي، 19 ڏينهن دوران هزار 13 ڪيس رپورٽ

صحت مرڪز نئون ڪوٽ ۽ صحت مرڪز فضل پنيرو ۾ 2 هزار 71 مريضن جي مليريا چڪاس ڪئي وئي

مليريا سينٽر تي پهتل مريضن ۾ وڏو تعداد ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ڪلوئي ۽ مٺي تعلقي جي علائقن جو آهي

اسان آر ڊي ٽي ڪٽس وسيلي مليريا جي اسڪريننگ ڪريون ٿا ۽ مليريا جي مريضن کي مفت علاج فراهم ڪيون ٿا

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ مليريا وبائي صورت اختيار ڪري وئي، 19 ڏينهن دوران هڪ هزار 13 ڪيس رپورٽ، 440 مريض دماغي مليريا جا شامل آهن. خبر موجب نئون ڪوٽ ۾ 19 ڏينهن دوران تعلقي جهڏي جي صحت مرڪز نئون ڪوٽ ۽ صحت مرڪز فضل پنيرو ۾ 2 هزار 71 مريضن جي مليريا چڪاس ڪئي وئي جنهن مان 1 هزار 13 /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

نئون ڪوٽ: ضلعي انتظاميا پاران مڇرمار اسپري ڪرايو پيو وڃي

گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول بڪر ماڇي 8 سالن کان اسڪول مڪمل طور تي بند پيل

ٺٽو (رپورٽر) گورنمنٽ گرلز پرائمري اسڪول بڪر ماڇي، مولدي ميان، يوسي جهمپير 8 سالن کان اسڪول مڪمل طور تي بند پيل. نياڻين جي تعليم مڪمل طور تي تباهه، هتي جي اڪثريت رڪندڙ آبادي جي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي ته هي جا چونڊيل نمائيندا صرف اليڪشن جي وقت ظاهر ٿيندا آهن اليڪشن کان پوءِ ڪو به چونڊيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ضلع ڪائونسل دادو جو اجلاس چيئرمين سيد محمد شاهه جي صدارت ۾ منعقد

اجلاس ۾ پيپلز پارٽي رفيق احمد جمالي. اڳوڻي ايم پي اي ڪلثوم چانڊيو شرڪت ڪئي

دوائون واڌو قيمت وڪرو ڪرڻ، بجلي، گئس جي لوڊ شيڊنگ، منشيات جي وڪري خلاف شڪايتون

جيڪي اسڪيمون منظور ڪيون اهي نگران روڪي ڇڏيون آهن. لوڪل گورنمنٽ جا فنڊ به روڪيا ويا: ميمبر

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) ضلع ڪائونسل دادو ۾ چيئرمين سيد محمد شاهه جي سربراهي ۾ مسئلن جي حل لاءِ اجلاس ڪرايو ويو آهي اجلاس ۾ ميمبرن پاران دادو ۾ غيرقانوني طور رهندڙ پرڏيهين جي نيڪالي، پيٽرول اگهن ۾ لاٿ باوجود عام واهپي جي شين ۾ لاٿ نه ٿيڻ، زرعي دوائن، ڪيميائي ڀاڻ جي اگهن ۾ واڌ، وڌندڙ بدامني، گيس ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ، فلسطين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

پاڪستان پيپلز يوٿ آرگنائيزيشن دادو جو اجلاس، شهيدن کي ڀيٽا پيش

18 آڪٽوبر جي شهيدن ۽ شهيد بينظير ڀٽو صاحبه جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪئي وئي

اجلاس ۾ نئين تنظيم سازي سميت ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ پارٽي جي لاءِ ڪم ڪرڻ تي غور

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) پاڪستان پيپلز يوٿ آرگنائيزيشن ضلع دادو جو اجلاس ضلع صدر مير مرتضيٰ ڳوڙو جي صدارت هيٺ ٿي گذريو اجلاس جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪئي وئي، 18 آڪٽوبر جي شهيدن ۽ شهيد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ڏڙو ۾ جهٽڪن جي بيماري ۽ دماغي مليريا تباهي مچائي ڇڏي، معصوم ٻارڙو فوت

نوجوان اجمل پنهور جو جهٽڪن جي بيماري ۾ مبتلا هفتو اڳ ڄاول معصوم پٽ فوت ٿي ويو

اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود نه هجڻ ۽ آڪسيجن نه ملڻ ڪري اسان جو ٻارڙو فوت ٿي ويو آهي: وارث

ڏڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) ڏڙو ۾ جهٽڪن جي بيماري ۽ دماغي مليريا تباهي مچائي ڇڏي، جهٽڪن سبب معصوم ٻارڙو فوت، ڏڙو ۽ ڪانڊڙا جي سرڪاري اسپتالن ۾ ڊاڪٽر، دوائون، آڪسيجن ۽ ٻين سهولتن جي شديد کوٽ، تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڏڙو: آڪسيجن نه ملڻ سبب فوت ٿي ويل ٻارڙي جا وارث اسپتال ٻاهران ويٺل آهن

دادو ۾ رحماني نگر (سيتارود) ريلوي اسٽيشن تي ٽرينن جي بحالي لاءِ احتجاج

فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳواڻي ۾ 269 هين ڏينهن به احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ٽريڪ ٽي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي: مظاهرين

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ رحماني نگر (سيتارود) ريلوي اسٽيشن تي موئن جو دڙو ايڪسپريس بحال ٿيڻ بعد بولان ميل ۽ خوشحال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

ٽنڊو شهر ويجهو ٽنڊو ٻاگو کان مهمان ٿي آيل نوجوان پراسرار نموني فوت، ميزبان گرفتار

ڳوٺ سهراب عمراڻي جو رهواسي نوجوان غلام مصطفيٰ عمراڻي پراسرار نموني فوت ٿي ويو

ٽنڊو پوليس ميزبان عزيز ملاح کي گرفتار ڪري رڌيڪ جانچ ڪري رهي آهي، ڪيس داخل نه ٿيو

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊو شهر ويجهو ٽنڊو ٻاگو کان مهمان ٿي آيل نوجوان پراسرار نموني فوت، فوتي نوجوان جو انڊس اسپتال بدين مان پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي فوتي جي پيءُ جي فرياد تي ٽنڊو ٺاڻي تي رپورٽ داخل ميزبان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سکر ۾ جماعت اصلاح المسلمين پاران ڳوٺ عيسيٰ خان لکڻ ۾ محفل ميلاد مصطفيٰ منعقد

سلامتي جي حفاظت، انسانيت جي احترام ۽ حقوق العباد جي پاسداري ڪري سگهجي ٿو: مقصود احمد

اعجاز احمد منگي، حافظ عظمت الله ميمڻ، مولانا بلال احمد پنهور، تاج محمد لکڻ، صبغت الله ميمڻ شريڪ ٿيا

سکر (رپورٽر) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سکر جي زير اهتمام برانچ ڳوٺ عيسيٰ خان لکڻ سائٽ ايريا سکر ۾ محفل ميلاد مصطفيٰ صلي الله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سکر: جماعت اصلاح المسلمين پاران ڪرايل محفل ميلادالنبي ص جي تقريب جو ڏيک

نئون ڪوٽ ۾ تعليمي اداري وٽ شراب جي نشي ۾ مدهوش پيل موالي جي ويڊيو وائرل

تعليمي اداري جي گيٽ تي مدهوش پيل همراهه جي ويڊيو پوليس جي پٽ وائکي ڪري ڇڏي

موالي سڄو ڏينهن شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿي هاڻي ته تعليمي ادارن ۾ به داخل ٿيڻ لڳا: شهري

نئون ڪوٽ (رپورٽر) نئون ڪوٽ ۾ تعليمي اداري جي گيٽ تي شراب جي نشي ۾ مدهوش پيل موالي جي ويڊيو وائرل پوليس جي پٽ وائکي، نئون ڪوٽ پوليس موالي کي مينٽل قرار ڏئي ڇڏيو خبر موجب نئون ڪوٽ ۾ ڪجهه شراب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ايس ايس پي شڪارپور ۽ ڊي ايس پي خانپور ۾ اختلاف سامهون اچي ويا

ڊي ايس پي مهدي رضا ٽالپر ايس ايس پي کي ذهني مريض قرار ڏئي ڇڏيو

ايس ايس پي ڏوهارين جي ساٿاري ٿي سي اهلڪارن کي ويجهو رکي ٿو: مهدي رضا

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) ايس ايس پي شڪارپور خالد مصطفيٰ ڪورائي ۽ ڊي ايس پي خانپور مهدي رضا ٽالپر ۾ اختلاف سامهون اچي ويا، ڊي ايس پي خانپور ايس ايس پي شڪارپور کي ذهني مريض قرار ڏئي ڇڏيو، ڊي ايس پي مهدي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

شڪارپور: ڊي ايس پي خانپور مهدي رضا ٽالپر پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

اولياءُ الله حضرت سخي سيد نبن شاهه عيوضائي گهوٽ جو ساليانو عرس ملهايو ويو

دعوت ۾ سيد ساداتن مريدن، عقيدت مندن، فقيرن، شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

سيد گل حسين شاهه عيوضائي، سيد خادر حسين شاهه عيوضائي، سيد نوڪر حسين شاهه شريڪ

دادو (رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) اولياءُ حضرت سخي سيد نبن شاهه عيوضائي گهوٽ جو ساليانو عرس مبارڪ دادو ويجهو ڏبي شريف ۾ ملهايو پيو وڃي عرس مبارڪ جي دعوت ۾ سيد ساداتن مريدن، عقيدت مندن، فقيرن، شهرين وڏي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

غوثپور پرسان ڳوٺ خير محمد نصيراڻي ۾ جهيڙي دوران زخمي ٿيل عورت فوت

خيرمحمد نصيراڻي جي رهواسڻ عورت مسمات ڪريمان خاتون زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

ٻنهي ڌرين جي ماڻهن هڪ ٻئي مٿان لٺيون ۽ سرونا هڻي هڪٻئي کي رتو رت ڪري ڇڏيو هو

غوثپور (عبدالنبي ملڪ) غوثپور پرسان ڏهه ڏينهن اڳ ڳوٺ خير محمد نصيراڻي ۾ اوڳاهي برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻاراڻي ڳالهه تان ٿيل جهيڙي دوران مٿي ۾ سروٽو لڳڻ سبب زخمي ٿيل ڳوٺ خيرمحمد نصيراڻي واسڻ عورت مسمات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

ڪڙيو گهنور ۾ نياڻين جي هاءِ اسڪول جي بلڊنگ 5 سالن کان نه ٺهي سگهي

گرلز هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جا چاليهه ڪروڙ ٺيڪيدار کائي ڳڙ ٿي ويو آهي: رهواسي

اهڙي تعليم جي تباهي جي ڪري هر درد وند دل انسان جون اکيون رت جا ڳوڙها ڳاڙين ٿيون

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ڪڙيو گهنور ۾ نياڻين جي هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جيڪا پنجن سالن کان نه ٺهي سگهي ست سو انرول نياڻيون دربدر آهن هائر سيڪنڊري اسڪول جنهن جي بلڊنگ پڻ پنجن سالن کان نهي پيئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: اسڪول جي عمارت نه هجڻ خلاف شاگردياڻيون احتجاج ڪري رهيون آهن

نوشهروفيروز ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن پاران فلسطين جي مسلمانن جي حمايت ۾ ريلي

وڪيلن پاران عدالتي ورڪ سسپينڊ ڪري سيشن ڪورٽ جي احاطي اندر احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

آمريڪا جي اشاري تي اسرائيل مسلمان ملڪ فلسطينن تي جارحانا حملا ڪري قتلام ڪري رهيو آهي: اڳواڻ

ڊسٽرڪٽ بار پاران فلسطيني مسلمانن سان ٿيندڙ ظلم جي خلاف يڪجهتي طور عدالتن جو ورڪ سسپينڊ رکيو ويو

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن نوشهروفيروز اسرائيل پاران فلسطين جي مسلمانن مسجد اقصيٰ تي ٿيل حملن جي خلاف عدالتي ورڪ سسپينڊ ڪري سيشن ڪورٽ جي احاطي اندر احتجاجي مظاهرو ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: ڊسٽرڪٽ بار پاران اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ضلعي ڪائونسل سکر پاران مڇر مار اسپري مهم دوران پنڌي ڳوٺ ۾ ٽيم نه پهتي، احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) ضلعي ڪائونسل سکر پاران مڇر مار اسپري مهم دوران پنڌي ڳوٺ ۾ ٽيم نه پهتي رهواسين جو احتجاج. اسپري ڪرائي مليريا سميت موذي مرضن کان بچائڻ جي گهر. تفصيل موجب ضلعي ڪائونسل چيئرمين سکر سيد ڪميل حيدر شاهه ۽ چيف آفيسر ضلعي ڪائونسل سکر سيد اڪبر علي شاهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

ڪراچي ۾ ماحولياتي گدلاڻ ۽ رهائشي علائقن ۾ قائم غير قانوني صنعتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي

سيپا عملدار پنهنجيون ذميواريون نڀائي ڪونه رهيا آهن: اين ڊي پي صدر جي وڪيل پاران اسٽيٽمنٽ داخل

محمد عارف خان ۽ مسٽر عبدالرئوف ميمڻ صاحب تي ٻڌل ٽربيونل جي ٻي رڪني بينچ آڏو ٿيڻي هئي

ڪراچي (رپورٽر) ماحولياتي گدلاڻ ۽ رهائشي علائقن ۾ قائم غير قانوني صنعتن خلاف ڪيس جي ٻڌڻي ماحولياتي قانونن جي خلاف ورزي ڪندي، گدلاڻ پيدا ڪندڙ صنعتن خلاف ڪاروائي ڪرڻ جي ڏس ۾ سيپا عملدار پنهنجيون ذميواريون نڀائي ڪونه رهيا آهن. ٽربيونل آڏو اين ڊي پي صدر جي وڪيل پاران اسٽيٽمنٽ داخل، عدالت پاران سيپا عملدارن کان جواب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

منظور آباد ۽ پرپاسي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ليڊيز ونگ پاران احتجاج

ايس يو پي ليڊيز ونگ طرفان ياسمين ٽيبو جي اڳواڻي ۾ خالي دلا مٽ کڻي انڊس هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو ويو

مظاهرين پاران شاميانا هڻي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ ڄامشورو روڊ تي سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون

يوسي جي منظور آباد شهر ۾ بنيادي سهولت نه هئڻ سبب عوام دربدر ٿي پنج ڪلوميٽر پري کان پاڻي ڀري اچي ٿو: مظاهرين

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) منظورآباد ۽ پرپاسي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي شديد کوٽ خلاف ايس يو پي ليڊيزونگ طرفان ياسمين ٽيبو جي اڳواڻي ۾ خالي دلا مٽ کڻي انڊس هاءِ وي تي شاميانا هڻي 3 ڪلاڪ ڌرڻو ٽريفڪ معطل اي سي مانجهند واٽر ٽينڪر موڪلي ڌرڻو ختم ڪرايو تفصيل موجب منظورآباد ۽ پرپاسي جي ڳوٺن ۾ وڏي عرصي کان پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

مانجهند: منظور آباد واسي پيئڻ جي پاڻي کوٽ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ سلطان ملاح جي رهواسي مردن ۽ عورتن پاران احتجاجي مظاهرو

ٽنڊو محمد خان (ير مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ سلطان ملاح جي رهواسي مردن ۽ عورتن پاران ڏيڍ سال اڳ فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل ٻن نوجوانن حاڪم ملاح ۽ امين ملاح جي قتل ۾ ملوث مک جوابدار منظور پيو ملاح کي پوليس پاران گرفتار نه ڪرڻ واري عمل خلاف نوجوانن جي ٻيرسن والد شفيع محمد ملاح /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

اسسٽنٽ ڪمشنر سکر پاران منافعي خورن جي خلاف ڪارروائي، واپارين ۾ ترٿلو مچي ويو

ٿهيم فلڪ رائو بيورو آف سپلائي ٽيم فهيم انصاري ۽ صداقت خان سان گڏ ڪارروائي ڪئي

ڀاڄين، ميون، گوشت ۽ ٻين دڪانن سميت کاڌي پيتي جي شين جي اگهن ۾ هٿرادو مهانگائي جو انڪشاف

دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪري سخت ڏنڊ هنيا ويا، اي سي دڪانن تي ريٽ لسٽون نه لڳائڻ وارن تي ڏنڊ پڻ وڌو

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) اسسٽنٽ ڪمشنر سکر جي منافعي خورن جي خلاف ڪارروائي، سخت ڏنڊ لڳايو ويو رپورٽ موجب اسسٽنٽ ڪمشنر سکر ٿهيم فلڪ رائو بيورو آف سپلائي ٽيم فهيم انصاري ۽ صداقت خان سان گڏ وڪٽوريا مارڪيٽ، سبزي مارڪيٽ ۽ ٻين مارڪيٽن جو دورو ڪيو بازارن ۾ مهانگي ڀاڄين، ميون، گوشت ۽ ٻين دڪانن سميت کاڌي پيتي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

جوهي جمالي ويجهو درگاهه شاهه يقيق بابا جي مقامي قبرستان ۾ شهيدن جي قبرن تي حاضري

محمد علي خان ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ سوين جيالن حمزو ماڪڙو جي قبر تي حاضري ڀري دعا گهر

شهيد زنده آهن ۽ هو ڪڏهن به مرندا نه آهن، پيپلز پارٽي شهيدن جي وارث پارٽي آهي: محمد علي خان

شهيدن ۽ انهن جي وارثن جي سارلڌي آهي حمزو ماڪڙو جنهن جان قربان ڪري به شهيد راڻي جي حفاظت ڪئي

سجاول (در) سجاول ۾ 18 آڪٽومبر ڪارساز سانحي جي شهيدن جو ڏهاڙو وڏي احترام ۽ عقيدي سان ملهايو ويو، پ پ پ ضلع سجاول جو صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي جي اڳواڻي ۾ 18 آڪٽومبر 2007 ۾ ڪار ساز شهيدن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سجاول: ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀيٽا پيش ڪئي پئي وڃي

خانپورمهر جميعت علماءِ اسلام جو سنڌ امن مارچ 22 آڪٽوبر تي شروع ٿيندو

خانپورمهر (رپورٽ: آفتاب سيال) خانپورمهر جميعت علماءِ اسلام جو سنڌ امن مارچ 22 آڪٽوبر تي شروع ٿيندو، جي يو آءِ خانگڙهه پاران عوام کي امن مارچ ۾ شرڪت جي اپيل. جميعت علماءِ اسلام تعلقه خانگڙهه جي اڳواڻن حافظ عبدالقادر مهر، حافظ نصرالله گبول، مولوي امين گڏاڻي، جميل احمد مهر ۽ ٻين تعلقه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۾ 11 هين ۽ 12 هين ڪلاس جي ٽيسٽ ورتي وئي

ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۾ پرنسپال پروفيسر محمد عتيق سومرو جي زير نگراني ٽيسٽ ٿي گذري

سنڌي، اسلاميات، اردو، پاڪستان جو اڀياس، رياضي علم حياتيات، علم طبعيات جو امتحان ٿيو

حاصلات کي وسيع ڪرڻ ۽ جديد دور جي تقاضاعن پٽاندر بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن: پرنسپال

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود ڀٽي) گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج نئون ديرو ۾ پرنسپال پروفيسر محمد عتيق سومرو جي زير نگراني ۾ ٻي ماهوار يارنهين ۽ ٻارهين ڪلاس جي شاگردن کان انگريزي، سنڌي، اسلاميات، اردو، پاڪستان جو اڀياس، رياضي علم حياتيات، علم ڪيميا جي مضمونن مان امتحان ورتو ويو. ان امتحان جو بنيادي مقصد شاگردن جي حاصلات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جي وارڊ 15 جي ڪائونسلر پاران صفائي سترائي جو عمل جاري

پير محمد عمر اسٽريٽ، چشتي محلا، هاٿيدر روڊ، پير نبي شاهه واري گهٽي ۾ صفائي جو عمل هلندڙ

اقبال عباسي پاران ميونسپل ڪاميٽي جي لاڳاپيل لائيٽ برانچ جي انچارج کي لائٽيون لڳائڻ جون هدايتون

پ پ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ايندڙ وڏي اليڪشن ۾ پ پ انشاالله سوڀ ماڻيندي: اقبال عباسي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) ميونسپل ڪاميٽي شڪارپور جي وارڊ 15 جي ڪائونسلر اقبال عباسي جي هدايتن تي روزاني بنيادن جيان هر پاڙن علائقن ۾ صفائي سترائي پٽي ڪرائي ويندي آهي اڄ سندس جي ٽيم محلا پير محمد عمر اسٽريٽ، چشتي محلا، هاٿيدر روڊ، پير نبي شاهه واري گهٽي ۾ عوامي رستن تي ٻوهارن سان رستن کي صاف ستهرو ڪرايو ويو ۽ گندي پاڻي جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

شڪارپور: ميونسپل ڪاميٽي جا عملدار صفائي ڪري رهيا آهن

ڪنڊيارو شهر جي رهواسي فقير اسد الله هيسباڻي پاران زمين تي قبضي خلاف احتجاج

نوشهروفيروز (رپورٽر) ڪنڊيارو شهر جي رهواسي فقير اسد الله هيسباڻي پريس ڪلب نوشهروفيروز پهچي صحافين آڏو دانهيندي چيو آهي ته ديهه خيروديرو ۾ منهنجي جي چاليهه ايڪڙ زمين تي بااثرن هٿيار بندن قبضو ڪري ورتو آهي پر انتظاميه قبضو هٽائڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن چيو ته مان ڊي سي نوشهروفيروز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

سکر ۾ اغوا ڪيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 16 ڏينهن ۾ داخل، پيادل مارچ ڪانپوءِ احتجاج

سنگرار مان اغوا ڪيل نياڻي پريا ڪماري، خيرپور مان اغوا ڪيل اسلام سومرو جي بازيابي لاءِ احتجاج

ڊاڪٽر نذير ڪوڪر مغوي اسلام سومرو جي والد محمد پريل سومرو، بلاول جاگيراڻي عطا محمد ڀٽو شريڪ ٿيا

خورشيد شاهه ڪئمپ جي پرسان صحافين جي احتجاج ۾ شرڪت باوجود اسان جي ڪئمپ تي لڙي نه آيو: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ اغوا ڪيل مغوين جي بازيابي لاءِ احتجاج 16 ڏينهن ۾ داخل، نوٽيس نه ورتو ويو وائيس آف راڻيپور جي قائم ڪيل احتجاجي ڪئمپ تي سول سوسائٽي جي شرڪت ڪئي آهي سنگرار مان اغوا ڪيل معصوم نياڻي پريا ڪماري، خيرپور مان اغوا ڪيل اسلام سومرو، محراب مان اغوا ڪيل علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92. دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمع 20 آڪٽوبر 2023ع

سنڌ مان قانون جي گمشدگي!

گمشدگيءَ جي ڪنهن اشتهار ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويندو آهي ته، "(گم ٿيل) پاڻ پڙهي ته موٽي اچي، ڪيس ڪجهه به نه چيو ويندو". اهي ئي لفظ سنڌ مان "گم ٿيل "قانون جي گمشدگيءَ جي اشتهار ۾ به لکي سگهجن ٿا. قانون سنڌ مان "گم " آهي يا ڪنهي گم ڪيو ويو آهي. حڪمران عوام کي چون ٿا ته قانون سنڌ ۾ موجود آهي. نه صرف موجود آهي، پر ان جي عملداري به قائم آهي، رڳو عوام جي بصارت (سماعت به) خراب آهي ۽ ساڳئي وقت جڏهن حڪمرانن کي ڪمانڊوز جي گهيري ۾، بلٽ پروف گاڏين ۾ هلندي ڏسون ٿا ته، ذهن حڪمرانن جي ان دعوا تي ويساهه ڪرڻ کان روڪي ٿو ۽ ڪثرت سان ٿيندڙ قبيلائي دهشتگرديءَ جا واقعا به حڪمرانن جي دعوا کي قبوليت ڏيڻ ۾ رنڊڪ آهن. حڪمرانن جي، قانون جي عملداريءَ وارين دعوائن جي نفي ڪندڙ هڪ اهڙو ئي واقعو شڪارپور ضلعي ۾ مدئجي پرسان جهبر شيخ ٺاٺي جي حد ۾ ڪچي واري علائقي ۾ پڻ رپورٽ ٿيو آهي. جتي جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ پراڻي خوني تڪرار تان ڌرين هڪٻئي مٿان جديد هٿيارن سان فائرنگ ۽ راڪيٽ لانچرجا گولا فائر ڪيا ويا، ٻنهي ڌرين جا 6 ڄڻا مارجي ويا. خبرن موجب، چئن ڪلاڪن تائين جاري فائرنگ سبب علائقو نوگو ايريا بڻجي ويو، ماڻهو گهرن تائين محدود ٿي ويا، پوري علائقي ۾ سخت خوف ۽ هراس پکڙجي ويو. اطلاع باوجود عوام جي ٽيڪسن جي ناڻي تي چٽي ڀڃجي پلجندڙ پوليس واقعي واري هنڌ وڃڻ بدران فائرنگ بند ٿيڻ جو انتظار ڪندي رهي. خوني تڪرار ۾ هن وقت تائين 38 انساني جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. فائرنگ بند ٿيڻ کانپوءِ پوليس مارجي ويلن جا لاش ڪٺائي پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال مدئجي پهچايا.

هونئن ته سڄي سنڌ ۾ امن امان جي حالت اهڙي نه آهي، جنهن کي بهتر ته پري جي ڳالهه، اطمينان جوڳي به چئي سگهجي، پر سمورن ضلعن مان به شڪارپور "انسانن جي شڪار گاهه" وارو تعارف برقرار رکندو اچي، جتي قبيلائي دهشتگردي عروج تي آهي. سوچڻ جي ڳالهه اها آهي ته اسان پاڻ کي قوم سڏايون ٿا ۽ قبيلو ته ارتقا جي ادنيٰ درجي تي هوندو آهي، پر هتي ته سڄي اُتت قبيلائي نظر ايندي. اهي ئي ڪيترين پيڙهين کان هلندڙ قبيلائي جهيڙا، اهي ئي عورتن جي قتل جا واقعا. اهي ئي ماڻهن جا اغوا. جوڻيجا ۽ ڪلهوڙا برادري جي جهيڙي ۾ هيستائين 38 حياتيون ضايع ٿي چڪيون آهن. اهو تعداد ته هڪ خوني تڪرار جو آهي. هن ضلعي ۾ هڪ ئي وقت ڪيترائي تڪرار هلندڙ آهن ۽ سوين ماڻهو انهن جهيڙن ۾ مارجي ويا آهن، پر سنڌ جي منتظمين کي ته ڪا به پرواهه ناهي. اهي وڏي عرصي کان انتهائي 'عفو ۽ درگذر' جو مظاهرو ڪندي ڏسندا رهيا آهن. ڄڻ ته امن امان انهن جي آئيني ۽ منصبي ذميواري ئي نه هجي!
هن جديد دور ۾ سنڌ ۾ اهي قديم زمانن واريون حالتون ڇو آهن؟ قديم زمانن ۾ ائين تڏهن ٿيندو هو، جڏهن اجا رياست جو وجود نه هوندو هو. جڏهن وسندين تي لشڪر هلان ڪندا هئا، لٽ مار ڪري، ماڻهو ماري وستين کي تاراج ڪندا هئا. ڳوٺن ۽ شهرن کي اجاڙي ڇڏيندا هئا. تڏهن نه ڪو قانون هوندو هو ۽ نه ئي ڪا مرڪزي حڪومت. شڪارپور ضلعي ۾ به قانون، جي موجود هجي ها ته ان جو فولادي هٿ ضرور حرڪت ۾ اچي ها. ان قبيلائي دهشتگرديءَ ۾ 6 ڄڻا قتل نه ٿين ها.
سنڌ ۾ امن امان جون حالتون ته اڳ ۾ به خراب هيون. اڳ ۾ به قبيلائي دهشتگردي ٿيندي هئي پر نگرانن جي هن دور ۾ سنڌ ۾ قانون جي موجودگيءَ کي ڪنهن به ريت ثابت نٿو ڪري سگهجي. جڏهن به ڪو اهڙو واقعو ٿئو ٿو ته پوليس اتي وڃڻ بدران جهيڙو ختم ٿيڻ جو انتظار ڪندي آهي. جاٽايل جهيڙي ۾ جديد هٿيارن سان فائرنگ ۽ راڪيٽ لانچرجا گولا فائر ڪيا ويا آهن. سوال اهو آهي ته اهي جديد ۽ ڳرا هٿيار هتي ڪيئن ٿا پهچن؟ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته جهيڙيندڙ ڌرين کي بي هٿيار ڪري خوني جهيڙن جو خاتمو آندو وڃي، سنڌ ۾ جديد ۽ خطرناڪ هٿيارن جي پهچ ۽ وڪرو بند ڪرايو وڃي.

پيغمبرن جي ڌرتي، فلسطين سان ٿيل ويڌن جي تاريخ !

ليک: اعجاز مهر

پيغمبرن جي سرزمين سڏجندڙ فلسطين جي تاريخ جيتري پراڻي آهي اوتري حضرت ابراهيم، حضرت دائود، حضرت لوط، حضرت يعقوب، حضرت موسيٰ، حضرت هارون،

حضرت سليمان جي اولاد اسرائيلي قوم جي تاريخ به پراڻي آهي. فلسطيني بنيادي طور عرب آهن پر انهن ۾ ڪرسچن سميت مختلف مذهبن جا عرب به شامل آهن.
مختصر اوائلي تاريخ 1050 قبل مسيح کان فلسطينين ۽ اسرائيلين ۾ جنگيون ۽ جهيڙا ٿيندا رهيا آهن ۽ تاريخ موجب فلسطيني اسرائيلين کان ڌاڙا رهيا آهن. هتي اسين پراڻي تاريخ جا ورق نٿا اٿلايون پر پهرين عالمي جنگ کان فلسطين ۽ اسرائيل جي تاريخ جو پيرو ڪٽي پنهنجي پڙهندڙن کي فلسطين ۽ اسرائيل جي اڄ تائين واري جنگ ۽ جهيڙي جي تاريخ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا.
اٽومن ايمپائر جو زوال جنهن کي خلافت عثمانيا يا ترڪ راڄ به چيو ويندو آهي چوڏهين صدي کان 1914 ۾ پهرين

عالمي جنگ ۾ شڪست کائڻ کانپوءِ سڄي عرب دنيا ۽ يورپ جي ڪجهه ملڪن تائين سندن حڪمراني هئي. مختلف سببن ڪري گهڻي پاڳي يهودي اڻ عرصي ۾ فلسطين مان لڏي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهيا پر فلسطين ۾ تمام گهٽ تعداد ۾ يهودي بچيا هئا. ترڪن جي شڪست بعد فلسطين جو ڪنٽرول برطانيا وٽ هليو ويو ۽ برطانيا يهودين لاءِ نئين وطن طور فلسطين جي چونڊ ڪئي. 1917 ۾ بيلفور ڊڪليئريشن جاري ڪيو ويو (آرٿر بيلفور برطانيا جو پرڏيهي وزير هو جنهن جي نالي پويان اهو سڏيو ويندو آهي. 1922 جڏهن ليگ آف نيشنز (گڏيل قومن) جو بنياد پيو ته ان برطانيا جي فيصلي جي تائيد ڪئي ۽ يهودين جي وطن اسرائيل جو بنياد پيو. ان وقت عربن جو انگ وڌيڪ ۽ يهودين جو گهٽ هو پر 1933 کان 1945 تائين هٽلر جڏهن يهودين تي ڌرتي تنگ ڪري سندن قتل عام ڪيو ته ان دوران جرمني سميت دنيا جي ڪيترن ملڪن مان يهودي اسرائيل ۾ آباد ٿيڻ لڳا. ٻئي عالمي جنگ ڪانپوءِ 1947 ۾ گڏيل قومن فلسطين کي ٻن حصن ۾ عربن ۽ يهودين جي علائقن ۾ ورهائڻ جو اعلان ڪيو پر يروشلم (جتي مسجد الاقصيٰ مسلمانن جو پهريون ڪعبو آهي) ان کي انٽرنيشنل سٽي قرار ڏنو.
يهودين ان کي تسليم ڪيو پر عربن اهو فيصلو نه مڃيو

آمريڪا ۽ يورپ سميت ڪيترن ملڪن به اهو فيصلو تسليم ڪيو جتان عربن ۽ يهودين ۾ جهيڙو شروع ٿيو. 1948 ۾ برطانيا هٿ پٺيا ۽ يهودين اسرائيل جي نالي رياست جو بنياد وڌو. 5 عرب ملڪن اسرائيل تي گڏيل حملو ڪيو جيڪو 1948 جي آخر کان 1949 جي شروع تائين جاري رهي. ان دوران مصر غزه تي قبضو ڪيو اردن وارن ويسٽ بئنڪ ۽ يروشلم جو اوڀارون پاسو اردن ۽ اولهائون پاسو اسرائيل جي قبضي ۾ اچي ويو ان دوران عربن ۽ يهودين ۾ جهيڙا هلندا رهيا. جنگين ۽ جهيڙن کان تنگ ٿي ڪيترائي فلسطيني عرب ملڪ ڇڏيندا ويا. ڪجھ لبنان، ڪجھ اردن ۽ ڪجھ مصر ته ڪي شام هليا ويا. ڪي وري امير عرب يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ هليا ويا. باقي جيڪي فلسطين ۾ رهيا انهن مان گهڻي

پاڳي ويسٽ بئنڪ ۽ غزا ۾ رهيا. عرب اسرائيل جنگ 1967 ۾ وري فيصلائتي عرب اسرائيل جنگ لڳي جنهن ۾ آمريڪا، برطانيا ۽ يورپي ملڪن اسرائيل جي ڀرپور مدد مدد ڪئي ۽ عربن کي شڪست ملي. اسرائيل اردن کان ويسٽ بئنڪ ۽ يروشلم جو قبضو ڇڏايو شام جي گولان هائيٽس ۽ مصر جي ٿنائي واري علائقي تي قبضو ڪيو غزا جو قبضو به مصر کان ڇڏايو. ان جنگ دوران وڌيڪ لکين فلسطيني پرڏيهي جي عرب ملڪن ۾ پناهگير بڻجي ويا.
هن وقت 30 لک فلسطيني ويسٽ بئنڪ ۾ رهن ٿا جتي اسرائيل جو مڪمل قبضو آهي ۽ فلسطيني اٿارٽي جي نالي ماتر حڪمراني آهي. فلسطين جو صدر محمود عباس به

ويسٽ بئنڪ ۾ رهي ٿو 20 کان 22 لک فلسطيني غزا جي پٽي ۾ رهن ٿا. 70 لک فلسطيني پناهگير دنيا جي مختلف ملڪن ۾ رهن ٿا. جن کي اسرائيل واپس وطن اچڻ نٿو ڏي، چوته ان سان اسرائيلي اقليت ۾ ايندا ۽ فلسطينين جي مزاحمت به وڌي سگهي ٿي. اسرائيل جو نسل پرستي وارو راڄ قائم آهي ويسٽ بئنڪ واري آبادي غلامن جهڙي زندگي گذاري ٿي، سيڪيورٽي چيڪ پوسٽ عربن ۽ مسلمانن لاءِ ڌار ڌار آهن. يورپين ۽ اسرائيلين لاءِ ڌار ڌار ٿيل آهن.
غزا شهر جي آبادي 20 لک آهي. 41 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 10 ڪلوميٽر ويڪري غزا جي پٽي دنيا جي سڀني کان وڌيڪ گهٽيل آبادي وارو شهر آهي. هڪ پاسي روم وارو سمنڊ

(ميڊيٽيرينين سي) آهي، ٻئي پاسي اسرائيل آهي ۽ ڏکڻ ۾ مصر جو ٿنائي ريگستان آهي. 1948 واري جنگ ۾ مصر قبضو ڪيو 1967 ۾ اسرائيل قبضو ڪيو جيڪو 2005 ۾ خالي ڪيو. گڏيل قومن اجا به ان کي اسرائيل جي قبضي هيٺ قرار ڏئي ٿو اڳ ۾ هتي به صدر محمود عباس جي حڪومت هئي پر 2006 ۾ جيڪا چونڊ ٿي ان ۾ غزا ۾ حماس کي اڪثريت ملي، جن هٿ ٺوڪي حڪومت ٺاهي ياسر عرفات واري پارٽي جي ماڻهن کي قتل ڪيو يا ماري ڀڄائي ڇڏيو. اسرائيل موجب حماس وارن جي جنگ مان فلسطيني به تنگ آهن. جن کي حماس غزا کان ٻاهر وڃڻ نٿا ڏين ۽ ڪين انساني ڍال طور استعمال ڪن ٿا. حماس لفظ جو مطلب آهي اسلامي مزاحمتي تحريڪ. شروع ۾ ان جو بنياد

1950 ۾ شيخ احمد ياسين اخوت المسلمين نالي رکيو هو ۽ اهو خيراتي ادارو هو جيڪو مسجدن جي نيٽ ورڪ سان مضبوط ٿيندو 1987 ۾ حماس جو روپ اختيار ڪيو جنهن بعد هو وقت بوقت اسرائيل تي حملا ڪندا رهندا آهن. 7 آڪٽوبر وارو حملو حماس جو وڏي ۾ وڏو حملو آهي جنهن ۾ هن 1400 اسرائيلي شهري ۽ فوجي قتل ڪيا ۽ 200

کان مٿي اسرائيلي اعليٰ فوجي آفيسرن سميت اسرائيلي شهرين کي يرغمال بڻايو آهي. رپورٽس موجب حماس سان اختلاف ڪندڙ يا حڪم نه مڃيندڙ فلسطينين کي هو ماري ڇڏيندا آهن. هيو ڪو به فلسطيني سگهارو مزاحمتي گروپ ناهي رهيو لبنان ۾ حزب الله نالي ايران جو حمايت يافته مزاحمتي گروپ ۽ حماس اسرائيل جا وڏا دشمن آهن. شايد اهوئي سبب آهي ته اسرائيلي وزيراعظم کان جڏهن سندن ٽن وڏن دشمنن بابت سوال ڪيو ويو ته بينجمن نيتن ياهو چيو ايران، ايران ۽ ايران.
آمريڪا ۽ يورپ سميت اڪثر مغربي ملڪن حماس کي دهشتگرد تنظيم قرار ڏنو آهي، گڏيل قومن، روس ۽ چين اٿين ناهي ڪيو. گڏيل قومن ٻاران فلسطين ۽ اسرائيل ۾ ورهايل علائقن واري فيصلو هجي يا ياسر عرفات ٻاران ڪيل اوسلو سمجهوتو انهن تي اسرائيل عمل ناهي ڪيو اڪثر فلسطيني علائقا اسرائيل جي قبضي ۾ آهن ماسواءِ 41 ڪلوميٽر ڊگهي ۽ 10 ڪلوميٽر ويڪري غزا جي پٽيءَ جي. هاڻي اسرائيل غزا جي پٽيءَ تي فيصلائتي زميني، هوائي ۽ سامونڊي حملن جو اعلان ڪيو آهي ۽ حماس کي مڪمل طور ختم ڪرڻ چاهي ٿو مصر ۽ اردن مان ڪيس خطرو ناهي، لبنان جي حزب الله، شام ۽ ايران مان ڪيس خطرو آهي. ايران جو پرڏيهي وزير مختلف ملڪن جي دوري تي آهي ۽ هن چيو آهي ته غزا تي اسرائيل جي زميني حملي بعد جنگ پوري خطي ۾ ڦهلجي سگهي ٿي. (هن مضمون ۾ ڪجھ معلومات بي بي سي تان به ورتي آهي پر تصويرون سندن ٿورن سان هتي شايع ڪريون ٿا)
***

ڪُهي سو ڪَرَ لَهَي، ڪوئي سو قَرِيبُ؛
اِها عادتَ سِڪيو، هَر زَمان حبيبُ؛
تِهِي سو طبيبُ، سو ئي راحتَ رُوحَ جي.

اسرائيل فلسطين جنگ ۽ عالمي سامراجي مفاد

طفيل مگسي

عالمي معشيت جيڪا هن ڳچ تائين يوڪرين جنگ جنگ جي اثرن کان ناهي نڪري سگهي ته وري اسرائيل ۽ فلسطين ۾ نئين جنگ جي شروعات ٿي چڪي آهي. فلسطين جيڪو هڪ اهڙو "فلش پوائنٽ" آهي. جيڪو نه صرف علائقائي ۽ عالمي امن جي لاءِ سدائين جي لاءِ خطرو بڻيل رهي ٿو بلڪ جنگ ڪٿي به هجي، ڪنهن به سطح جي هجي ۽ ان جا نتيجا ڪهڙا به هجن. ان جو بيشڪ فائدو عالمي طاقتن کي ئي پهچي ٿو يا عالمي طاقتون ئي حاصل ڪن ٿيون. فلسطين جيان ڪشمير ۽ بوسينا سميت ڪيترائي "فليش پوائنٽس" آهن جن کي عالمي عالمي سرمائيداراڻو نظام. جڏهن چاهي ٿو پنهنجن مفادن کي نظر ۾ رکندي وڌيڪ ڀڙڪائي ڇڏي ٿو. فلسطين ۽ اسرائيل جنگ جيئن ته شروع ٿي ۽ جنهن به پاسي کان شروع ٿي يا ڪئي وئي. سدائين جيان هن جو نقصان فلسطينين کي ئي ٿيندو. عالمي نشرياتي ذريعا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان وسري ويل خبرون ورجائيندئيون ته غزه جي پٽي ۽ اولهائين ڪناري ۾ اسرائيل جي فلسطيني شهري آبادي تي وحشياڻي بمباري. عورتن ٻارڙن. پوڙهن سميت هزارين فرد شهيد. اسپتالن ۾ دوائن جون سهوليتون ناهن. فلسطيني ٻارڙن جون رڙين دانهون ۽ ڪيڪاٽن جون وڊيوز ڊيڪاريون وڃن ٿيون. عالمي جنگي قانون جي خلاف ورزي تي عالمي اڳواڻن جي نرم. يا سخت مذمت جا بيان اچن ٿا. جڏهن ته ڪجهه عرصي کانپوءِ ماڻهو انهن دردناڪ منظرن کي وساري ڇڏين ٿا ۽ انهن کي هوريان هوريان به محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ته عالمي سياست ۽ معشيت "Dynamics" تبديل ٿي چڪي آهي.
تاريخ ۾ هڪ دور اهڙو به آيو هو جڏهن دنيا ۾ اهو شعور هو ته ظالم ۽ مظلوم ڪير آهي اهو اهوئي دور هو جڏهن سموري دنيا ۾ آزادي جي تحريڪن جو هڪ نه ختم ٿيندڙ طوفان اٿيو هو اهو ويهين صديءَ جي پهرين ڇهن ڏهاڪن جو دور هو جنهن جو تاريخ ۾ ڪو مثال نٿو ملي. ان صورت ۾ جن قومن جي آزادي جو مسئلو حل نه ٿيو اهو اڄ تائين حل نه ٿي سگهيو انهن ۾ فلسطينن جي عوام جو مسئلو به شامل آهي. جيڪو 1947ع کان حل جو گگرجائو آهي. ان دور ۾ عالمي سرمائيداراڻو ۽ سامراجي نظام ٽوڙ ڦوڙ جو شڪار هو ۽ نهايت ڪمزور بڻ ٿي چڪو هو. ان جي باوجود اهو وري مضبوط ٿيو ۽ هن وقت سمورن ماهرن کي پنهنجي مرضي جوڙ ڏئي ڇڏي ٿو هن وقت جي فلسطين اسرائيل جنگ ۾ ظاهر ۾ ته اهوئي لڳي ٿو ته پهريون حملو فلسطين تنظيم "حماس" جي ويڙهاڪن ڪيو ليڪن هينئر اسرائيل جي طرف کان جا ڪيو پيو وڃي ته اها جنگ ان وقت تائين ختم نه ٿيندي. جيستائين حماس کي ختم نٿو ڪيو وڃي. اڄ جي ماڻهن کي اهو احساس ناهي ته حماس جو حملو مسلسل اسرائيلي عملن جو ردعمل آهي. امريڪا ۽ اسرائيل هن وقت اهو چاهين ٿا ته يوڪرين جيان هن جنگ کي به ڊيگهه ڏني وڃي. يوڪرين جنگ بنيادي طور تي روس ۽ امريڪا جي مفادن جو ٽڪراءُ هئي. هن وقت به ساڳئي صورتحال پيدا ڪئي پئي وڃي. امريڪا کي پروڙ آهي ته ان جي خلاف روس، چين ۽ ايران وغيره گڏجي ڪري جيڪا صف بندي ڪري رهيا آهن. انهن کي نقصان پهچائڻ ۽ مختلف علائقن تي امريڪي ڪنٽرول برقرار رکڻ جو هڪ ئي طريقو آهي ته ڪنهن هڪ خطي يا مختلف خطن ۾ عدم استحڪام پيدا ڪيو وڃي ۽ غير محسوس طور تي عالمي جنگ واري صورتحال پيدا ڪئي وڃي. جيڪڏهن اها جنگ ڊگهي هوندي آهي ته ڪنهن حد تائين روس، چين ۽ وڏي حد تائين ايران ۽ شام ۽ ٻيا عرب ملڪ ان ۾ سڌي ريت يا اڻ سڌي ريت فلسطينين جي پٺڀرائي ضرور ڪندا. گڏيل عرب امارات، قطر ۽ سعودي عرب جهڙن ملڪن جي لاءِ به وڏي آزمائش جو مقام آهي. جيڪي اسرائيل سان تعلقات وڌائي رهيا آهن. ليڪن گڏ ئي امريڪا مخالف ڪيمپ سان پنهنجا مفاد به ڳنڍي رهيا آهن. انهن جي لاءِ پنهنجي پوزيشن چٽي ڪرڻ نهايت مشڪل ٿي چڪو آهي. اهوئي امريڪا چاهي ٿو هن وقت جيڪي عالمي طاقتون ۽ قومون فلسطين جي عوام جي حمايت ڪن ٿيون يا اهي چاهين ٿيون ته فلسطيني عوام وڌيڪ اسرائيلي جارحيت جو شڪار نه ٿئي. اهن کي گهرجي ته اڳي فوري جنگ بندي جي لاءِ ڪوشش ڪن. چاڪاڻ ته نه صرف فلسطيني عوام خاص طور ڪان غزه جي پٽي جو عوام دردناڪ صورتحال ۾ مبتلا آهي. بلڪ هن خطي ۾ امريڪا جي خلاف ٺهڻ واري صف بندي کي به تمام. گهڻو نقصان پهچي سگهي ٿو اڪثر ڪري عرب ملڪ غير جمهوري حڪومتن يا بادشاهت جي اثر هيٺ آهن ۽ انهن جو ڪافي عرصي کان امريڪا تي دارومدار آهي. اهي ڪلي ڪري فلسطين جي جنگ ۾ ٽپو نٿا ڏئي سگهن. جيڪڏهن شام جهڙو ملڪ ان جنگ ۾ ٽپي به پوي ٿو ته به نتيجا امريڪا ۽ سامراجي سرمائيدار قوتن جي حق ۾ هوندا. مظلوم. فلسطينين کي وڌيڪ قهر ۽ عذاب کان بچائڻ جي لاءِ جنگ ب دي تي زور ڏنو وڃي. امريڪي ڊالر ۽ تيل جون قيمتون ڪرڻ جو عمل يوڪرين روس جنگ ڪانپوءِ اسرائيلي فلسطيني جنگ جي تحت روڪڻ چاهي ٿو مسلم دنيا ۾ اهو احساس ته پيدا ٿي چڪو آهي ته اسرائيل جي رياست هڪ حقيقت آهي. ليڪن اسرائيل ۽ ان پٺو سامراجي ملڪن ۾ هي احساس پيدا ڪرڻو آهي ته فلسطيني رياست به هڪ حقيقت آهي..

بقايا 01 ***
سپاهي نعيم اختر ۽ سپاهي عبدالحميد شامل آهن آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته ڏکڻ وزيرستان واري علائقي ۾ سڪيورٽي فورسز جو دهشتگردن سان مقابلو ٿيو جنهن ۾ سپاهي فرمان علي شهيد ٿي ويو. آءِ ايس پي آر موجب علائقي ۾ موجود ٻين دهشتگردن جي خاتمي لاءِ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته پاڪستان جي سڪيورٽي فورسز ملڪ مان دهشتگردي جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن. اسان جي بهادر جوانن جون اهڙيون قربانيون اسان جي عزم کي مضبوط ڪن ٿيون.

بقايا 02 ***
مسلسل گهٽتائي ڪانپوءِ گذريل به ڏينهن ڊالر مهانگو ٿيو هو.

بقايا 03 ***
سڪيورٽي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پهچي وئي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق ۽ جسٽس ميان گل حسن اورنگزيب نواز شريف جي حفاظتي ضمانت واري درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. نواز شريف جا وڪيل امجد پرويز ۽ اعظم نذير تارڙ عدالت ۾ پيش ٿيا. جڏهن ته نيب پراسيڪيوٽر رفيع مقصود ۽ افضل قريشي به عدالت ۾ پيش ٿيا. عدالت ۾ اعظم نذير تارڙ دليل ڏيندي چيو ته نواز شريف ٽرائل ڪورٽ ۾ اشتهاري هو جا وارنٽ معطل ٿي چڪا آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق پڇاڻو ڪيو ته اوهان وٽ اهو حڪم آهي؟ اعظم نذير تارڙ جواب ڏنو ته آرڊر تي چڪو آهي، احتساب عدالت مان وڪيل اچي رهيا آهن. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق جي چيو ته اسان حفاظتي بانڊ ڏئي ڪيس سومر لاءِ مقرر ڪيو آهي. وڪيل امجد پرويز چيو ته ٽرائل ڪورٽ ڪيس جي ٻڌڻي اڳاري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. عدالت چيو ته نيب کي نواز شريف جي وطن واپسي تي حفاظتي بانڊ ڏيڻ تي ڪو اعتراض ناهي. نيب پراسيڪيوٽر چيو ته هاءِ ڪورٽ پنهنجي حڪم ۾ لکيو هو ته اپيل ڪندڙ واپس اچي ته اپيل بحال ڪري سگهي ٿي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق چيو ته اسان پڇيو هو ته نيب جو ڇا موقف آهي؟ ان ۾ ڪا تبديلي ناهي؟ نيب پراسيڪيوٽر جواب ڏنو ته هن وقت به اهو ئي موقف آهي ته اهي اچن ته اسان کي سندن اچڻ تي ڪو اعتراض ناهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عامر فاروق نيب پراسيڪيوٽر کان پڇاڻو ڪيو ته اوهان ڪنهن کان هدايتون ورتيون؟ نيب پراسيڪيوٽر جواب ڏنو ته اسان پراسيڪيوٽر جنرل نيب کان هدايتون ورتيون آهن چيف جسٽس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ چيو ته اوهان عدالت کي لکت ۾ آگاهه ڪيو ته اوهان کي ڪو اعتراض ناهي احتساب عدالت توشه خانه ڪيس ۾ اڳوڻي وزيراعظم نواز شريف جا گرفتاري وارنٽ معطل ڪري ڇڏيا آهن. اسلام آباد جي احتساب عدالت جي جج محمد بشير توشه خانه ڪيس ۾ نواز شريف جا وارنٽ معطل ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي، جنهن دوران نواز شريف جو وڪيل قاضي مصباح ۽ نيب پراسيڪيوٽر عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران وڪيل صفي قاضي مصباح چيو ته نواز شريف جا وارنٽ معطل ڪرڻ لاءِ ڪالهه درخواست داخل ڪئي وئي، هو عدالت ۾ پيش ٿيڻ چاهي ٿو ۽ 21 آڪٽوبر تي پاڪستان اچي رهيو آهي، تنهن ڪري سندس گرفتاري وارنٽ معطل ڪيا وڃن. ان تي جج محمد بشير چيو ته نواز شريف خلاف توشه خانو ڪيس نيب ڪورٽ نمبر 3 جو آهي، جنهن تي وڪيل چيو ته توهان جي عدالت ۾ 24 آڪٽوبر تي ٻڌڻي آهي، نواز شريف پيش ٿيڻ چاهي ٿو. نواز شريف جي وڪيل جي موقف تي احتساب عدالت جي جج محمد بشير اڳوڻي وزيراعظم جي ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو. جج پڇاڻو ڪيو ته ڇا ان ڪيس ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ سيڪيورٽي بانڊ داخل ڪيو ويو آهي؟ ان تي وڪيل چيو ته توشه خاني ڪيس ۾ هاءِ ڪورٽ ۾ حفاظتي ضمانت جمع نه ڪرائي وئي. توشه خاني ڪيس ۾ وارنٽ جاري ٿي چڪا آهن. فيصلو ناهي ٿيو اسحاق ڊار جا به ساڳي ڪيس ۾ وارنٽ معطل ڪيا ويا. وڪيل صفائي چيو ته نواز شريف جي تازي ميڊيڪل رپورٽ به منسلڪ ڪئي وئي آهي، هو احتساب عدالت ۾ پيش ٿيندو. گرفتاري وارنٽ معطل ٿيڻ تي جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيندو آهي. جڏهن ته نيب وٽان نوازشريف جا گرفتاري وارنٽ ناهن. تنهن ڪري وارنٽ کي معطل ڪيو وڃي ته جيئن عدالت ۾ اچڻ جو رستو هجي. ٻڌڻي دوران نيب پراسيڪيوٽر چيو ته نوازشريف 2 رليف جو مطالبو ڪيو آهي، هوچئي رهيو آهي ته هو عدالت آڏو پيش ٿيڻ چاهي ٿو، جيڪڏهن نواز شريف اچڻ چاهي ٿو ته 24 آڪٽوبر تائين ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ معطل ڪيا وڃن. نيب پراسيڪيوٽر صافي ۽ وڪيل جا دليل ٻڌڻ بعد عدالت نواز شريف جا وارنٽ معطل ڪرڻ واري درخواست تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جنهن بعد عدالت نواز شريف جا گرفتاري وارنٽ معطل ڪندي چيو ته جيڪڏهن نواز شريف 24 آڪٽوبر تي پيش نه ٿيو ته وارنٽ بحال ڪيا ويندا.

بقايا 04 ***
قانون تي فيصلو نه ٿيڻ سبب هينئر تائين اهو ڪيس جي ٻڌڻي نه ٿي رهي هئي. چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ پاڪ عرب ريفائنري ملازمن ڪيس تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران ملازمن جي وڪيل استدعا ڪئي ته پاڪ عرب ريفائنري ملازمن جو ڪيس 15 ڏينهن کان پوءِ مقرر ڪريو التواجي استدعا تي چيف جسٽس پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ اهم ريمارڪس ڏيندي چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ عام چونڊن ۽ سويلينز جي فوجي عدالتن ۾ ٽرائيل جا ڪيس مقرر ٿيڻ وارا آهن. سپريم ڪورٽ ۾ مشڪل ڪيس اچڻ وارا آهن جنهن دوران پيا ڪيسز ٻڌڻ مشڪل هوندو، هن ڪيس کي 2 مهينن کان پوءِ مقرر ڪنداسين. جنهن کان پوءِ سپريم ڪورٽ پاڪ عرب ريفائنري جي ڪيس کي 2 مهينن لاءِ ملتوي ڪري ڇڏيو.

بقايا 05 ***
ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. اڳوڻي گهرو وزير ۽ عوامي مسلم ليگ جي سربراه شيخ رشيد جي گمشدگي بابت ڪيس جي ٻڌڻي لاهور هاءِ ڪورٽ راولپنڊي بينچ جي جسٽس صداقت علي خان ڪئي. جنهن ۾ پوليس بازيابي جي لاءِ وڌيڪ مهلت جي استدعا ڪئي. عدالت پوليس طرفان شيخ رشيد احمد جي بازيابي لاءِ وڌيڪ مهلت جي استدعا منظور ڪندي 26 آڪٽوبر تائين بازياب ڪرائڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آر پي او طرفان عدالت کي ٻڌايو ويو ته سي پي او ايس پي آپريشن ۽ پوليس آفيسر شيخ رشيد جي گرفتاري ۾ ملوث نه آهن هن ٻڌايو ته بازيابي جي لاءِ پوليس ڪوششون ڪري رهي آهي ته ڪجهه وقت ڏيو بازياب ڪرائي وٺنداسين. عدالت چيو ته ايندڙ تاريخ تائين اڳوڻي گهرو وزير کي بازياب ڪرايو ويندي. جنهن کان پوءِ عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 26 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 06 ***
جو پهريون ڪارگو ڊسمبر ۾ پاڪستان پهچندو. پيٽروليم ڊويزن جي ذريعن جو چوڻ هو ته روس ۽ پاڪستان وچ ۾ معاهدو ڪمرشل بنيادن تي ٿيو آهي، لوڪل ريفائنريز روس کان سڌي ريت تيل خريد ڪري سگهنديون. ذريعن جو چوڻ هو ته ريگولر سپلاءِ کان پوءِ گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ معاهدي جو امڪان آهي. جڏهن ته روس سان ڪمرشل معاهدي جو پهريون ڪارگو ڊسمبر ۾ پاڪستان پهچندو. جيڪو هڪ لک ميٽرڪ ٽن ڪچي تيل تي ٻڌل هوندو. ذريعن موجب معاهدي تحت روس پاڪستان کي پورٽ تي تيل فراهم ڪندو ۽ لوڪ ريفائنري روسي تيل جي قيمت 60 ڊالر في بيرل جي حساب سان ادا ڪندي. ڪمرشل معاهدي ۾ جي سيون ملڪن کي روسي تيل جي قيمت جي حد ڪي نظر ۾ رکيو ويو آهي. روسي ڪچي تيل جي ڀاڙو ۽ پريميم ڪڍي به عام مارڪيٽ کان 10 ڊالر في بيرل سستو آهي، پهرين ٽيسٽ ڪارگو ۾ به پاڪستان کي 4 ڪروڙ ڊالرز جي بچت ٿي هئي.

بقايا 07 ***
شريف جي ڏيهه واپسي جي حوالي سان پنهنجي بيان ۾ فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته ن ليگ جو نواز شريف جي آجيان بدلي جنت جو اعلان حيرت جوڳو آهي. هن چيو 20 هزار اهلڪارن جي ڊيوٽي سان نواز شريف جو جلسو پلي ٿي وڃي پر رياستي سطح تي آجيان سان چونڊون نه ٿيون ڪئي سگهجن سندس چوڻ هو ته اليڪشن ڪميشن چونڊن جي تاريخ جو جلد اعلان ڪري، گهٽي سليڪشن ٿي چڪي آهي هاڻ اليڪشن ٿيڻ گهرجي. آئين ۾ ڪٿي لکيل آهي ته هڪ شخص جي سليڪشن لاءِ چونڊون روڪيون وڃن.

بقايا 08 ***
هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان نوازشريف جي حفاظتي ضمانت جي فيصلي تي رد عمل ڏيندي شهباز شريف چيو ته چونڊيل وزيراعظم نوازشريف کي هٽ ٺوڪي ڪهاڻي جي بنياد تي نااهل ڪيو ويو آهي. ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو ۽ ان سان نارو سلوڪ ڪيو ويو شهباز شريف وڌيڪ چيو ته ڪنهن به منصفاڻي ٻڌڻي سان نوازشريف جي بي گناهي ثابت ٿي وڃي ها، ضمانت هڪ بنيادي حق آهي ۽ اسان ان سلسلي ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا. اميد ڪريون ٿا ته انصاف ڏنو ويندو.

بقايا 09 ***
راشد حسين پرڏيهي کاتي جي اعليٰ عملدارن سان گڏ سنڌ جي گهرو ۽ جيل واري وزير برگيڊيئر(ر) حارث نواز سان سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. گهرو وزير وفد کي حڪومت جي اهم ڪاميابين خاص طور تي اندروني سلامتي ۽ اقليتن جي حقن/ تحفظ جي حوالي سان آگاهه ڪيو گهرو وزير وفدن کي ٻڌايو ته اندروني سلامتي کي بهتر بڻائڻ ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ جا نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. ٻنهي ڌرين اقليتي برادري لاءِ سرڪاري نوڪرين ۾ مخصوص ڪوٽا، جبري مذهب جي تبديلي ۽ توهين مذهب جي واقعن تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. گهرو کاتي جي نگران وزير چيو ته صوبي سنڌ ۾ 4000 سيڪيورٽي اهلڪارن تي مشتمل اسپيشل پوليس فورس (ايس پي ايف) قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن پوري صوبي ۾ اقليتن جي عبادتگاهن جي سيڪيورٽي جي فول پروف انتظامن کي يقيني بڻائي سگهجي. گهرو وزير وڌيڪ چيو ته عبادتگاهن ۽ ان جي چوڌاري سي سي ٽي وي ڪيمرائون پڻ لڳايون ويون آهن. وفد امن امان، تحفظ ۽ اقليتن جي حقن جي تحفظ لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم کي ساراهيو ۽ گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. گهرو وزير جي معاونت صوبائي گهرو سيڪريٽري محمد اقبال ميمڻ ڪئي.

بقايا 10 ***
منظور ڪري قانون جو مذاق بڻايو ويو. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شعيب شاهين چيو ته تاريخ ۾ اهڙو مثال ناهي مليو جو ڪنهن مجرم کي ضمانت ملي هجي. شعيب شاهين وڌيڪ چيو ته عدالت پاڻ چيو ته درخواست ٻڌڻي جوڳي ناهي، نيب کي ڪنهن چيو ته اچي بيٺو ۽ چيو ته اسان کي ڪو اعتراض ناهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ اهو به چيو ته اهڙن فيصلن سبب ماڻهو ملڪ ڇڏي رهيا آهن.

بقايا 11 ***
لاءِ وقتي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ عرفان سادات جو نالو تجويز ڪيو آهي. چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس عرفان سادات جو نالو تجويز ڪيو آهي. جڊيشل ڪميشن جو اجلاس سپاتي چيف جسٽس آف پاڪستان قاضي فائز عيسيٰ جي صدارت هيٺ ٿيندو سپريم ڪورٽ ۾ هن وقت ججن جون 2 اساميون خالي آهن. ذريعن موجب اجلاس ۾ سپريم ڪورٽ ۾ هاءِ ڪورٽ جي ججن جي مقرري جي طريقيڪار بابت به تجويزون طلب ڪيون ويون آهن. اجلاس ۾ جڊيشل ڪميشن جي ميمبرن جي تجويزن تي به غور ڪيو ويندو

بقايا 12 ***
آباد هاءِ ڪورٽ ۾ نواز شريف خلاف العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ حفاظتي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي سبب پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪيسز ۾ ضمانت درخواست جي ڪاز لسٽ ڪينسل ڪئي وئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جون درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اڄ ٻڌڻي لاءِ مقرر هيون. عدالت پاران اوچتو پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي ضمانت بابت درخواستن واري ڪاز لسٽ ڪينسل ڪئي

بقايا 13 ***
فوري طور تي گيس جي قيمتن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وڃي. ذريعن ٻڌايو آهي ته آءِ ايم ايف جي مطالبي تي گئس جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ اقتصادي رابطه ڪميٽي جو اجلاس سومر جي ڏينهن طلب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته قيمتن ۾ واڌ لاءِ پاور ڊويزن جي سمري آءِ ايم ايف سان شيئر ڪئي وئي آهي. آءِ ايم ايف چيو آهي ته گئس جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪرڻ معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي. پهرين جولاءِ کان گئس جي قيمتن ۾ واڌ نه ٿيڻ سان سوئي گئس ڪمپنيون 46 ارب روپين جو نقصان ڪري چڪيون آهن. ان حوالي سان ذريعن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته آءِ ايم ايف جولاءِ کان سيپٽمبر تائين گئس ڪمپنين کي 46 ارب جو نقصان ريڪور ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. ورچوئل ڳالهين دوران آءِ ايم ايف اختيارين کي نائين واري وزير جي پرڏيهه روانگي بابت ٻڌايو ويو نگران نائين واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر بيلٽ اينڊ روڊ ڪانفرنس ۾ شرڪت کان پوءِ چين کان اڄ واپس پهچندي.

بقايا 14 ***
پٽ مشتاق 2015ع کان گم آهي عدالت پوليس ڪارڪردگي تي عدم اطمينان جو اظهار ڪري ڇڏيو جسٽس نعمت الله ڦلپوٽو ريمارڪس ڏنا ته اسان کي هاڻ گم ٿي ويلن بابت روزاني جي بنياد تي رپورٽ گهرجي. اسان کي رپورٽ ڏني وڃي ته اوهان گم ٿي ويل ماڻهن جي بازيابي لاءِ ڪهڙو ڪم ڪيو آهي. جسٽس امجد سهتو ريمارڪس ڏيندي چيو ته ڪيو ته 20_20 جي آءِ ٽيز جا سيشن ٿيندا آهن ڪوبه ماڻهو بازياب به ٿيندو آهي يا نه؟ عدالت ريمارڪس ڏنا ته گم ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ جلد قدم کنيا وڃن. جسٽس امجد سهتو چيو ته آئين تي ماڻهن جو وقت خراب نه ڪيو ماڻهو ڀاڙا خرچ ڪري عدالت پهچندا آهن. ايندڙ ٻڌڻي تي رپورٽ ڏني وڃي ته پوليس گم ٿي ويلن جي بازيابي لاءِ ڪهڙا قدم کنيا آهن عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي پوليس اختيارين کان گم ٿي ويلن بابت اڳيرائي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي.

بقايا 15 ***
مرحوم مشهور قانوندان سينيٽر علي ظفر جو والد هو وارث مرحب ايس ايم ظفر ڪافي عرصي کان بيمار هو.

بقايا 16 ***
وزير شهزادي فيصل بن فرحان ايران، پاڪستان ۽ ترڪ پرڏيهي وزيرن سان ڌار ڌار ملاقاتون ڪيون آهن. ان موقعي تي شهزادي فيصل پرڏيهي وزيرن کي غزه ۾ هٿين خالي شهرين کي نشانو بڻائڻ خلاف سعودي موقف کان آگاهه ڪيو ۽ عالمي انساني قانونن تي عمل ڪرڻ تي زور ڏنو. شهزادي فيصل پاڪستاني پرڏيهي وزير جليل عباس جيلاني سان ملاقات ۽ خطي ۾ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ عالمي ڪوشش ۽ غزه تي بمباري دوران شهرين جي تحفظ تي ڳالهين جي ڏي وٺ ڪئي ياد رهي ته جده ۾ اسلامي تعاون تنظيم (او آءِ سي) جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ۾ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته غزه ۾ جنگي ڏوهه تي اسرائيل کي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي، او آءِ سي غزه جي اسپتال تي بمباري کي جنگي ڏوهه قرار ڏيندي ان جي سخت مذمت ڪندي اسرائيل کان فلسطينين جي خلاف جارحيت بند ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ۽ چيو ته غزه پٽي جو گهيراءُ فوري طور تي ختم ڪيو وڃي. او آءِ سي عالمي برادري کان غزه پٽي لاءِ امداد فوري بحال ڪرڻ جي اپيل پڻ ڪئي آهي

بقايا 17 ***
ڪئي ۽ ڪين يقين ڏياريو ته ساڻن هر حوالي سان انصاف ٿيندو جنهن بعد هنن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اسان مرڻ وارن کي شهيدن جو درجو ڏيون ٿا ۽ وزيراعليٰ سنڌ پاران چئن شهيدن لاءِ ني شهيد 80 لک روپيه ۽ چئن زخمين لاءِ في زخمي 20 لک روپيه ڏيڻ جو اعلان ڪريون ٿا جڏهن ته شهيدن ۽ زخمين جي ٻارن جي تعليم جو خرچ سنڌ سرڪار برداشت ڪندي هن اهو به چيو ته شهيدن جي وارثن کي رقم ڏيڻ لاءِ ڪين وزيراعليٰ هائوس ڪراچي گهرايو ويندو هن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته جي آئي ٽي رپورٽ جو انتظار آهي جنهن بعد حقيقتون سامهون اينديون اسان فلحال شهيدن سان ڏک ونڊڻ ۽ سندن مالي مدد ڪرڻ آيا آهيون پريس ڪانفرنس ۾ ڪمشنر شهيد بينظيرآباد سيد سجاد حيدر، ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد پرويز احمد چانڊيو، ڊپٽي ڪمشنر نوابشاهه زاهد حسين رند، ايس ايس پي نوابشاهه ڪيپٽن حيدر رضا ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سڪرنڊ عبدالحنان پنهور پڻ شريڪ هئا

بقايا 18 ***
ناميارا اقتصاديات جي ماهر قيصر بنگالي جيڪو صنعت کاتي ۾ صلاحڪار طور خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن پڻ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ بريفنگ ڏيندي معروف اقتصاديات جي ماهر قيصر بنگالي ٻڌايو ته سنڌ انڊسٽريل پاليسي ناهڻ جو ڪم وڏي حد تائين مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ ان جي مسودي کي 30 آڪٽوبر 2023ع تائين حتمي شڪل ڏني ويندي. هن چيو ته ان پاليسي کي جامع بڻائڻ لاءِ سمورن اسٽيڪ هولڊرز جا ويچار شامل ڪيا ويا آهن. جن ۾ آءِ بي اي ڪراچي، آءِ بي اي سکر، شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور جا نمائندا شامل آهن. اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته ان پاليسي ناهڻ جو مقصد سنڌ ۾ موجود صنعتن جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ نون صنعتي زونن جي قيام تي خاص ڌيان ڏنو ويو آهي ته جيئن سنڌ صوبي جي معاشي صورتحال کي يقيني بڻائي سگهجي. نگران صوبائي وزير محمد يونس ڍاڳا چيو آهي ته سنڌ انڊسٽريل پاليسي تي عملدرآمد ڪانپوءِ موجوده صنعتن جي صورتحال بهتر ٿيندي ۽ نوان اقتصادي زون قائم ڪرڻ ۾ مدد ملندي. هن چيو ته ان پاليسيءَ سان صنعتي پلاٽ جيڪي خالي آهن يا صنعتي پلاٽ جيڪي غير قانوني طور ڪمرشل پلاٽن ۾ تبديل ڪيا ويا آهن يا جيڪي دستاويزن ۾ هيراڦيري سبب روڪيا ويا آهن. انهن جي بحالي ممڪن ٿي ويندي. هن چيو ته ڪاروباري طبقي کي نيون صنعتون لڳائڻ لاءِ ڪافي مراعتون ڏيڻ به ان پاليسي جو حصو آهي. محمد يونس ڍاڳا چيو ته ان پاليسي ۾ صوبي ۾ نئين صنعتن جي قيام لاءِ به خاص مراعتون ڏنيون وينديون ته جيئن نئين سيڙپڪار به ان پاليسي مان فائدو حاصل ڪري سگهن. هن چيو ته ان پاليسي تي عملدرآمد ڪانپوءِ معاشي صورتحال بهتر ٿيندي، روزگار جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ ملڪي معيشت ۾ استحڪام نظر ايندو هن وڌيڪ چيو ته پنجاب انفارميشن ٽيڪنالاجي جي سهڪار سان صوبي جي سمورن صنعتي پلاٽن جي رڪارڊ کي ڪمپيوٽرائيزڊ ڪرڻ جو ڪم پڻ جاري آهي. محمد يونس ڍاڳا چيو ته نگران حڪومت ملڪ جي معيشت کي مثبت رخ ڏانهن آڻڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪري رهي آهي چاڪاڻ ته معاشي ترقي ذريعي ئي عوام جون حالتون بهتر ڪري سگهجن ٿيون ۽ اهو ئي نگران حڪومت جو ويژن آهي.

بقايا 19 ***
آهي ته يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي سيلز ٽيڪس جي سيڪشن 48 ون بي تحت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. ايف بي آر موجب سيلز ٽيڪس رولز 71 ٽو بي تحت يوٽيلٽي اسٽورز ڪارپوريشن جا اڪائونٽ منجمد ڪيا پيا وڃن.

بقايا 20 ***
لاءِ ريلي ڪڍي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جي سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ريلي ۾ صحافين، سياسي سماجي اڳواڻن، وڪيلن سميت واپاري اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ خالد ڪوڪر، جئي پرڪاش موراڻي، اقبال ملاح، يونٽ جي صدر امان الله ڪوڪر، جنرل سيڪريٽري حسرت لغاري، مرڪزي ميمبر غلام رسول نهڙيو، پريس ڪلب جي صدر رشيد جعفري، سينئر صحافي غلام رسول درس، غلام رسول نهڙيو ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ پوليس ۽ انتظاميه جي لاپرواهي جو ثبوت آهي. پوليس ڪچي ۾ پائي جو ٻهانو ڪري قاتل گرفتار ڪرڻ کان لهنوائي رهي آهي. هي صحافين جو آواز دٻائڻ چاهين ٿا، جيڪو ڪڏهن به دٻجي نٿو سگهي. هنن چيو ته جيسين شهيد جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نٿا ٿين تيسين اسان جا احتجاج سڄي سنڌ ۾ جاري رهندا. شهيد جان محمد مهر جي قاتلن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪبو. هنن وڌيڪ چيو ته جيستائين شهيد جان محمد مهر جا قاتل ڪيفر ڪردار تائين نٿا پهچن تيستائين ماٺ ڪري نه ويهبو. اسان هر فورم تي مزاحمت ڪندا رهنداسون. هنن اعليٰ اختيارين کان گهر ڪئي ته شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس ۾ نامزد جوابدار ٻنا دير گرفتار ڪري صحافين ۾ پيدا ٿيل بيچيني ختم ڪئي وڃي. جڏهن ته ريلي کي عوامي تحريڪ اڳواڻ عبدالرحمان سمون، ايس ٽي پي اڳواڻ محبوب سمون، جئي سنڌ محاذ اڳواڻ وقار بوزدار، ڊسٽرڪٽ بار جي جنرل سيڪريٽري منير حسين لغاري، جليل بلوچ، ايم ڪيو ايم اڳواڻ رئيس احمد خانزادو، جماعت اسلامي اڳواڻ رائو جاويد ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا 21 ***
۾ چيو آهي ته ماڙي جلباڻي ۾ ماڻهون قتل ڪيا ويا هئا. هي سنڌ جي شعور جي جدوجهد ۽ مسلسل احتجاج هو. جنهن ڪري جيڪو وزير داخلا جيڪو ڪالهه انهن ماڻهن کي دهشتگرد پيو چوي اڄ اهو انهن جي گهر وڃي انهن کي چئي پيو ته اوهان بيگناهه آهيو. توهان کان معافي ٿا وٺون ۽ انهن کي اهو چوي ٿو ته مان غلط بيان ڏنو آهي ۽ اوهان کي 80 لک معاوضو هڪ معصوم خون جي بدلي ڏيون ٿا. اها فتح سنڌ جي ماڻهن جي آهي پر سنڌ انصاف پٺي گهري. سنڌ گهرپٽي ته هن معاملي جي ڪرمنل جوڊيشل انڪوائري ٿئي. جنهن ۾ انتظامي عملدار نه بلڪ جوڊيشل عملدار مقرر هجن. اها انصاف جي تقاضا آهي ته قاتل قانون جي ڪٽهڙي ۾ اچن انهن جي مٿان معصوم ڳوٺاڻن تي گوليون هلائڻ انهن کي قتل ڪرڻ، انهن کي زخمي ڪرڻ ۽ انهن کي حراسان ڪرڻ جا ۽ دهشتگرديءَ جا مقدما داخل ڪري انهن جو ٽرائل هلايو وڃي. ايئن ناهي ته خونن جا پئسا ڏئي، انهن کي چئو ته اوهان کي معاوضو ڏنوسين. سنڌ ڏسڻ ٿي چاهي، چاڪاڻ ته امان جندو چانڊيو قاتلن کي ڦاهيءَ تي چاڙهايو هئو پر انهن کان معاوضو قبول نه ڪيو هو. جنهن جو خاندان پٽڪندڙ رهيو ۽ ان جي سچي خاندان کي برباد ڪيو ويو

بقايا 22 ***
نيٽگر ڪو وارث ظاهر ناهي ٿيو پوسٽ مارٽم رپورٽ ۾ نيٽگر تي بدترين تشدد ۽ بدفعلي جي تصديق ڪئي وئي آهي. ٻئي پاسي پوسٽ مارٽم 9 ڪلاڪ دير سان ڪرڻ تي ايم ايل او خلاف ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته پوليس کي گذريل ڏينهن نيٽگر جو تشدد ٿيل لاش مليو هو جنهن کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو هو.

بقايا 23 ***
سيڪڙو ڀاڙا گهٽائڻ تي راضي ٿي ويا. ٽرانسپورٽ کاتي ڪراچي کان سڄي ملڪ ۾ هلندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي. جڏهن ته ڪراچي کان حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ڏانهن هلندڙ وين جا ڀاڙا به گهٽجندا. اجلاس ۾ طئي ٿيو ته ڀاڙا نه گهٽائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هر روٽ تي ريجنل ۽ ڊسٽرڪٽ ٽرانسپورٽ آفيسر ڀاڙن کي چيڪ ڪندا. ٽرانسپورٽ کاتي چيو آهي ته فيصلي تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو. پيٽرول سستو ٿيڻ جو فائدو عوام تائين پهچايو ويندو.

بقايا 24 ***
آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو آهي ته غزه جي صورتحال تي سڀني کي ڳڻتي آهي. پاڪستان فلسطين جي حفاظت لاءِ فوج موڪلڻ جو ڪو به فيصلو ناهي ڪيو. پرڏيهي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي هن غزه ۾ جاري اسرائيلي ظلمن تي پاڪستان جو موقف واضح ڪيو. پرڏيهي وزارت جي ترجمان چيو ته پاڪستان هميشه امن ۽ ٿيارڪڙي جي ڳالهه ڪئي آهي، اميد ته گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل غزه جي صورتحال تي ڀرپور قدم کڻندي ممتاز زهرا بلوچ چيو ته پاڪستان او آءِ سي جي ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ٺهرائي جي آجيان ڪري ٿو. ٺهرائي ۾ غزه جي ناڪابندي ۽ جنگ بندي جو مطالبو ڪيو ويو آهي. ترڪي غزه معاملي تي ضامن ٿيڻ جي ڳالهه ڪئي. جيڪڏهن پلان ذريعي امن ٿيو ته پاڪستان ان جي آجيان ڪندو هن چيو ته غزه جي صورتحال تي سڀ پريشان آهن. فلسطين جي صورتحال تي ڀارت جو موقف انڊيا جو اندروني معاملو آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان جو چوڻ هو ته پاڪستان ۾ غير قانوني رهندڙ پرڏيهين جي حوالي سان اهم اجلاس ٿيو، غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهين کي ملڪ ڇڏڻ جي تاريخ ڏني آهي. پاڪستان جي ان عمل کي غير قانوني نٿو چئي سگهجي

بقايا 25 ***
لاءِ امداد جي پهرين کيپ موڪلي ڇڏي. غزا لاءِ امداد جي پهرين کيپ اسلام آباد رستي مصر رواني ڪئي وئي، امدادي سامان ۾ هڪ هزار خيما، 4 هزار ڪمبل ۽ 3 ٽن دوائون شامل آهن. واضح رهي ته آرمي چيف جنرل عاصم منير ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس سان خطاب ۾ چيو هو ته فلسطيني عوام کي پاڪستاني قوم جي مڪمل سفارتي، اخلاقي ۽ سياسي حمايت حاصل آهي.

بقايا 26 ***
ڪيو ويو آهي. پرڏيهي ايجنسي موجب جنگ مخالف گروپ جيوش وائس فارپيس طرفان اهو مظاهرو ڪيو ويو آمريڪي ڪانگريس جي عمارت ۾ مظاهرين هڪ وڏو بينر کنئي رکيو هو جنهن ۾ لکيل هو ته جنگ بند ڪريو. چيو ته اسرائيل جي بمباري سان غزه جي پٽي ۾ فوتگين جي انگ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي. سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي جيوش وائس فار پيس ٻڌايو ته تقريبن 10 هزار ماڻهن امريڪي ڪادي وارن شهرن جي روڊن تي مارچ ڪيو ياد رهي ته 7 آڪٽوبر کان شروع ٿيندڙ جنگ سبب اسرائيل غزه جي پٽي جو مڪمل گهيراءُ ڪري رکيو آهي. فلسطينين جي لاءِ پاڻي، خوراڪ، بجلي ۽ طبي امداد جي فراهمي مڪمل طور تي بند رکي وئي آهي. اسرائيل جي وحشياڻي بمباري جي نتيجي ۾ هينئر تائين غزه ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت ساڍا 3 هزار ماڻهو شهيد ٿي چڪا آهن جڏهن ته حماس طرفان اسرائيلي شهرن ۾ حملي سبب هينئر تائين ڏيڍ هزار ماڻهو مارجي ويا آهن جنهن ۾ سوين اسرائيلي فوجي به شامل آهي.

بقايا 27 ***
اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل اسحاق کهڙو 14 هين گريڊ بلڊنگ انسپيڪٽر خلاف شڪايتون ملڻ تي ڪيس عهدي تان برطرف ڪري هيڊ ڪوارٽر اندر ايڊمنسٽريشن سيڪشن ۾ رپورٽ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو ياد رهي ته ان کان اڳ 14 عملدارن کي پڻ شڪايتون ملڻ ۽ ڊيوٽي ۾ غفلت ڪرڻ سبب عهدن تان برطرف ڪيو ويو هو.

بقايا 28 ***
ترڪي جنگ سٽيل غزا ۾ اسپتال تي ڪيل حملي تي ٽي ڏينهن سوگ جو اعلان ڪيو آهي. ترڪ صدر رجب طيب اردگان سڄي دنيا تي زور ڏنو آهي غزا ۾ ٿيندڙ الميي کي روڪيو وڃي. ترڪ صدر جو چوڻ هو ته فلسطيني ڀائرن کي پهچندڙ سور کي دلين ۾ محسوس ڪريون پيا. احترام جي طور تي اسان جي ملڪ ۾ ٽي ڏينهن قومي سوگ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ترڪ صدر چيو ته اسرائيل فلسطين ڇڪتاڻ ۾ اولهه ٻرندي تي تيل هارڻ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڪري رهيو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ناڪام رهي.

بقايا 29 ***
اهڙي سبب جانورن جي اڳهن ۾ به گهٽتائي آئي آهي. برآمد ڪندڙن جو چوڻ آهي ته هن سال جانورن جي برآمدن لاءِ 3 ارب رپين جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. جانورن جي اڳهن ۾ وڏي گهٽتائي ڏٺي وئي آهي ۽ جانور 25 سيڪڙو تائين سستا ٿي ويندا آهن. ايري 6 جانور جي قيمت 25 رپيا گهٽجڻ ڪانپوءِ 125 رپيا في ڪلو ٿي وئي آهي. جڏهن ته ايري 9 جانور 30 رپيا سستو ٿيڻ ڪانپوءِ 190 رپيا في ڪلو ٿي ويو آهي.

بقايا 30 ***
آهن. غزا سٽي ۽ ڏکڻ علائقن ۾ رهائشي عمارتن تي تازن حملن ۾ عورتن ۽ ٻارن سرڊو ڪيترائي فلسطيني شهيد ٿي ويا. گڏيل قومن تحت خان يونس ۾ هلندڙ اسڪول کي به نقصان پهتو ۽ اسپتال تي حملي کان پوءِ اسرائيل هڪ ٽي ڏينهن ۾ وڌيڪ 433 فلسطينين کي شهيد ڪري ڇڏيو. اسرائيلي حملن ۾ شهيد فلسطينين جو انگ 3 هزار 4 سئو کان وڌي ويو آهي جڏهن ته 12 هزار کان وڌيڪ ماڻهو زخمي آهن. اسرائيل طرفان غزا جي وڌيڪ اسپتالون به غزا جي نشاني تي آهن. القدس ۽ الشفا اسپتال اسپتال ۽ هلال احمر جي هيڊڪوارٽر جي ويجهو علائقن تي 30 منٽن تائين بمباري ڪئي وئي. غزا ۾ صحت واري وزارت جي ترجمان ڊاڪٽر مدحت عباس سوشل ميڊيا کي ٻڌايو ته اسپتال جي اڳڻ ۾، آپريشن روم ۾ ۽ ايمرجنسي روم جي زمين تي هزارين ماڻهو پيا آهن. انهن ۾ گهڻائي ٻارن جي آهي. ڊاڪٽر مدحت عباس جو چوڻ هو ته غزا جي اسپتالن جي اڱڻ ۾ بيهوش ڪرڻ ڪانسواءِ آپريشن ڪيا پيا وڃن، ماڻهن جون حياتيون بچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي جن ۾ جيئڻ جي اميد آهي. ٻين مرڻ لاءِ ڇڏيو ويو آهي. گڏيل قومن جي رليف اينڊ ورڪ ايجنسي جو چوڻ هو ته غزا جي ماڻهن لاءِ وقت ختم ٿي رهيو آهي. اسان کي هن مهل فوري امدادي سامان گهرجي. پيغام واضح آهي. غزا تباهه ڪندڙ انساني بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي. گڏيل قومن جي اداري جو چوڻ آهي ته غزا ۾ پيئڻ جو پاڻي ختم، ٻار گندو پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن. غزا جي صورتحال تباهه ڪندڙ آهي. خان يونس ۾ گذريل ڏينهن چڪن پاڪس جو پهريون ڪيس سامهون آيو. غزا ۾ ماڻهو اسرائيلي فوجي حملي ۾ نه مئا ته گدلاڻي ۽ وبائي مرض پکڙجڻ سبب مري ويندا.

بقايا 31 ***
ٻڌڻي دوران عدالت ايس ايچ او ريتي رمضان ميراڻي، اي ايس آءِ فضل لغاري، شاهنواز لغاري گوڏو جوڻو ۽ ٻين اهلڪارن حق نواز چانڊيو ۽ محرر خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو

بقايا 32 ***
فوري طور تي گيس جي قيمتن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وڃي. ذريعن ٻڌايو آهي ته آءِ ايم ايف جي مطالبي تي گئس جي قيمتن ۾ واڌ لاءِ اقتصادي رابطه ڪميٽي جو اجلاس سومر جي ڏينهن طلب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته قيمتن ۾ واڌ لاءِ پاور ڊويزن جي سمري آءِ ايم ايف سان شيئر ڪئي وئي آهي. آءِ ايم ايف چيو آهي ته گئس جي قيمتن ۾ واڌ نه ڪرڻ معاهدي جي ڀڃڪڙي آهي. پهرين جولاءِ کان گئس جي قيمتن ۾ واڌ نه ٿيڻ سان سوئي گئس ڪمپنيون 46 ارب روپين جو نقصان ڪري چڪيون آهن. ان حوالي سان ذريعن وڌيڪ ٻڌايو آهي ته آءِ ايم ايف جولاءِ کان سيپٽمبر تائين گئس ڪمپنين کي 46 ارب جو نقصان ريڪور ڪرڻ جي تجويز ڏني آهي. ورچوئل ڳالهين دوران آءِ ايم ايف اختيارين کي نائين واري وزير جي پرڏيهه روانگي بابت ٻڌايو ويو نگران نائين واري وزير ڊاڪٽر شمشاد اختر بيلٽ اينڊ روڊ ڪانفرنس ۾ شرڪت کان پوءِ چين کان اڄ واپس پهچندي.

بقايا 33 ***
آباد هاءِ ڪورٽ ۾ نواز شريف خلاف العزيزيه ۽ ايون فيلڊ ريفرنس ۾ حفاظتي ضمانت جي درخواست تي ٻڌڻي سبب پي ٽي آءِ چيئرمين جي ڪيسز ۾ ضمانت درخواست جي ڪاز لسٽ ڪينسل ڪئي وئي، پي ٽي آءِ چيئرمين جون درخواستون اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ اڄ ٻڌڻي لاءِ مقرر هيون. عدالت پاران اوچتو پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين جي ضمانت بابت درخواستن واري ڪاز لسٽ ڪينسل ڪئي

بقايا 34 ***
هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان نوازشريف جي حفاظتي ضمانت جي فيصلي تي رد عمل ڏيندي شهباز شريف چيو ته چونڊيل وزيراعظم نوازشريف کي هٽ ٺوڪي ڪهاڻي جي بنياد تي نااهل ڪيو ويو آهي. ڪيس ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو ويو ۽ ان سان نارو سلوڪ ڪيو ويو شهباز شريف وڌيڪ چيو ته ڪنهن به منصفاڻي ٻڌڻي سان نوازشريف جي بي گناهي ثابت ٿي وڃي ها، ضمانت هڪ بنيادي حق آهي ۽ اسان ان سلسلي ۾ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي جي آجيان ڪريون ٿا. اميد ڪريون ٿا ته انصاف ڏنو ويندو.

بقايا 35 ***
سيڪڙو ڀاڙا گهٽائڻ تي راضي ٿي ويا. ٽرانسپورٽ کاتي ڪراچي کان سڄي ملڪ ۾ هلندڙ بسن جي ڀاڙن ۾ 10 سيڪڙو گهٽتائي جو اعلان ڪيو آهي. جڏهن ته ڪراچي کان حيدرآباد ۽ ٻين شهرن ڏانهن هلندڙ وين جا ڀاڙا به گهٽجندا. اجلاس ۾ طئي ٿيو ته ڀاڙا نه گهٽائيندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. هر روٽ تي ريجنل ۽ ڊسٽرڪٽ ٽرانسپورٽ آفيسر ڀاڙن کي چيڪ ڪندا. ٽرانسپورٽ کاتي چيو آهي ته فيصلي تي عملدرآمد يقيني بڻايو ويندو. پيٽرول سستو ٿيڻ جو فائدو عوام تائين پهچايو ويندو.

بقايا 36 ***
ترڪي جنگ سٽيل غزا ۾ اسپتال تي ڪيل حملي تي ٽي ڏينهن سوگ جو اعلان ڪيو آهي. ترڪ صدر رجب طيب اردگان سڄي دنيا تي زور ڏنو آهي غزا ۾ ٿيندڙ الميي کي روڪيو وڃي. ترڪ صدر جو چوڻ هو ته فلسطيني ڀائرن کي پهچندڙ سور کي دلين ۾ محسوس ڪريون پيا. احترام جي طور تي اسان جي ملڪ ۾ ٽي ڏينهن قومي سوگ جو اعلان ڪيو ويو آهي. ترڪ صدر چيو ته اسرائيل فلسطين ڇڪتاڻ ۾ اولهه ٻرندي تي تيل هارڻ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي ڪري رهيو. گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پنهنجي ذميواري نڀائڻ ۾ ناڪام رهي.

CLASSIFIED

عام اطلاع

آءُ نالي نياز علي رند ولد عاشق حسين رند ويٺل ڳوٺ شاهه محمد رند تعلقه اوباوڙو ضلعو گهوٽڪي جيئين ته مان پوليس ڊيپارٽمنٽ ۾ ملازم آهيان ڪجه ڏينهن اڳ منهنجوچيڪ گم ٿي ويو آهي.جنهن جو اڪائونٽ نمبر 4620.0 نيشنل بينڪ پاڪستان اوباوڙو برانچ آهي منهنجو چيڪ اگر رشتيدار يا ڪو بيو استعمال ڪري ته ان کي ڪوڙو سمجهيو وڃي.منهنجو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

عام اطلاع

آءُ نالي مريد عباس ولد لياقت علي ذات رند ويٺل ڳوٺ شاهه محمد رند تعلقو اوباوڙو ضلعو گهوٽڪي جيئين ته مان ايجوڪيشن ڊيپارٽمنٽ ۾ ملازم آهيان منهنجو چيڪ گم ٿي ويو آهي جنهن جو اڪائونٽ نمبر 3109201844 نيشنل بينڪ پاڪستان اوباوڙو برانچ آهي اگر ڪو رشتيدار يا ڪو بيو ماڻهون استعمال ڪري ته ان کي ڪوڙو سمجهيو وڃي.منهنجو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئين وقت سر ڪم اچي سگهي

عام اطلاع

آءُ نالي زاهد حسين ولد نور محمد ذات رند ويٺل ڳوٺ شاهه محمد رند تعلقو اوباوڙو ضلعو گهوٽڪي جيئين ته منهنجو ڪجه ڏينهن اڳ چيڪ گم ٿي ويو هو جنهن جو اڪائونٽ نمبر 5. 3022. نيشنل بينڪ پاڪستان اوباوڙو برانچ آهي اگر ڪنهن رشتيدار يا اگر ڪو بيو ماڻهون استعمال ڪري ته ان کي ڪوڙو سمجهيو وڃي ۽ منهنجو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئين وقت سر ڪم اچي سگهي

بقايا 01 سنڌيار

احسن حيدر خان لوڌي، ايڊووڪيٽ نظير حسين پيپو، ايڊووڪيٽ امتياز احمد بگٽي، ايڊووڪيٽ انور علي شيخ ۽ ٻين وڪيلن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي پ پ پ لائير فورم لاڙڪاڻي ڊويزن جي صدر آغا غضنفر علي پٺاڻ ڳالهائيندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي لاڙڪاڻي ڊويزن جي هر ضلعي ۾ وڃي ميمبر شپ جي مهم هلائي رهيا آهيون. هن وڪيلن کي هدايت ڪئي ته چيئرمين بلاول ڀٽو جون هدايتون آهن ته وڌ کان وڌ ميمبر سازي ڪئي وڃي. پيپلزپارٽي عوام جي خدمت ۾ يقين رکي ٿي ۽ پيپلزپارٽي پوري ملڪ خاص ڪري سنڌ صوبي ۾ رڪارڊ ڪم ڪرايا آهن. هن چيو ته ايندڙ چونڊن ۾ پيپلز پارٽي پوري ملڪ ۾ اڪثريت سان ڪاميابي ماڻيندي ۽ ايندڙ وزير اعظم پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري هوندو. ان موقعي تي ايڊووڪيٽ سيف الدين مارفاڻي، ايڊووڪيٽ انور علي پيپو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 02 سنڌيار

جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هو هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ آهي. هن چيو ته دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي. اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اهي دوائون غريب مريضن تائين پهچايون. هن ڊاڪٽرن کان مطالبو ڪيو ته اهي ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن. مريضن کي ڪراچي وٺي وڃڻ ۽ هتي مريضن جو علاج ڪريو چو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن. هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ رڳو غريب ئي علاج لاءِ اچن ٿا. ڪراچي جي اسپتالن ۾ علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريض ضرورت جي صورت ۾ ٻاهران دوا خريد ڪن ۽ مقامي طور تي خريد ڪيل دوائون ڪنهن کي به نه ڏين. هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن چو ته ايندڙ چونڊن ۾ انهن اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون ته جيئن اتي پاڻي، غسل خانو ۽ بجلي جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. هن مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال کي هدايت ڪئي ته ٽيڪنيڪل ادارن کي بهتر بڻايو وڃي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي جي ڪوٽ جي نشاندهي ڪئي. جنهن تي ڪمشنر چيو ته نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ کي سيڪريٽري صحت سان ڳالهائي ختم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون ڪميٽي ۽ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجن جي پرنسپالن شرڪت ڪئي.

بقايا 03 سنڌيار

بينظير ڀٽو صاحبه جي لاءِ دعاءِ مغفرت ڪئي وئي. اجلاس ۾ نئين سر تنظيم سازي سميت ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ پارٽي جي لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ سنڌ جي صدر جاويد ناياب لغاري مٿان مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو ويو. اجلاس ۾ مير مرتضيٰ ڳوپڙ، نور محمد پنهور، مير صدام بلهڙو، واجد علي ملاح، ولايت چانڊيو، نظر پنهور، ظهير سومرو، خادم جمالي، وسيم چانڊيو ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قائدين هميشه جمهوريت ۽ ملڪ جي لاءِ قربانيون ڏنيون آهن ۽ ملڪ لاءِ جانين جو نذرانو ڏئي پاڻ کي هميشه جي لاءِ امر ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته هميشه جيان هن ڀيري به دادو ضلعي جي عوام پاڪستان پيپلز پارٽي جي نمائندن کي ايندڙ جنرل اليڪشن ۾ ڪامياب ڪندو ۽ ايندڙ اليڪشن ۾ پاڪستان جو وزير اعظم بلاول ڀٽو زرداري هوندو.

بقايا 04 سنڌيار

موجب دڙي ويجهو ڳوٺ پير بخش پنهيرو جي رهواسي نوجوان اجمل پنهيرو جو جهٽڪن جي بيماري ۾ مبتلا هڪ هفتو اڳ چاول معصوم پٽ فوت ٿي ويو جڏهن ته دماغي مليريا پڻ تيزي سان پکڙجي رهي آهي. جنهن سبب ڪيترائي ماڻهو اجل جو شڪار ۽ سوين ماڻهو مبتلا آهن. پر سجاول جي صحت کاتي ايجا تائين ڪوبه عملي قدم ناهي کنيو. ان سلسلي ۾ ڳوٺائي اجمل پنهيرو ۽ ٻين الزام هڻندي چيو ته سرڪاري اسپتالون عوام لاءِ کوس گهر بڻجي ويون آهن. اسپتال ۾ ڊاڪٽر موجود نه هجڻ ۽ آڪسيجن نه ملڻ ڪري اسان جو ٻارڙو فوت ٿي ويو آهي. هنن چيو ته ٻارڙي کي فورن بي ايڇ يو ڪاندڙا کڻي وياسين. جتي آڪسيجن نه هجڻ ڪري رورل هيلٿ سينٽر دڙو آياسين. جتي ڪو ۽ ڪو ڊاڪٽر موجود نه هو. هنن چيو ته ٻارڙو جهٽڪن جي بيماري سبب 5 ڏينهن مڪلي جي اسپتال داخل هو. رات گهر ۾ طبيعت خراب ٿيڻ ڪري ڪيس اڄ صبح اسپتال ڪٺي آياسين جتي ٻارڙو فوت ٿي ويو. هوڏانهن دماغي مليريا سبب دڙو، پنون، لاٽيپور، ڪاندڙا ۽ ڀرپاسي جي سرڪاري اسپتالن سميت نجي ڪلينڪ مريضن سان ڀريل آهن. پر اڃا تائين سجاول جو صحت کاتو گهري ننڊ ستل آهي.

بقايا 05 سنڌيار

معصومي جي هدايتن تحت سکر ضلعي جي يونين ڪائونسلن ۾ بيمارين کان بچاءَ لاءِ مڇر مار اسپري مهم 11 آڪٽوبر کان جاري آهي. جڏهن ته روهڙي تعلقي جي وڏي آبادي واري ڳوٺ پٽڻي ۾ مڇرمار اسپري نه ٿيڻ سبب ڳوٺاڻا سراپا احتجاج بڻيل آهن ان سلسلي ۾ تعمير احمد چنا، عرفان پنوهڙ، اخلاق احمد مسن ۽ ٻين ميڊيا کي داهيندي ٻڌايو ته 11 آڪٽوبر کان مڇر مار اسپري جاري آهي ڪيترن ئي ڳوٺن سميت يونين ڪائونسل پٽڻي جي ننڍن ننڍن ڳوٺن ۾ اسپري ڪئي وئي آهي پر روهڙي تعلقي جي سڀ کان وڏي آبادي واري ڳوٺ پٽڻي ۾ سپري ناهي ڪيو ويو جنهن ڪري نذر انداز ڪرڻ سبب پوري ڳوٺ ۾ مايوسي ڇانيل آهي هنن ضلعي ڪائونسل چيئرمين سيد ڪميل حيدر شاهه کان گهر ڪئي ته پٽڻي شهر ۾ مليريا کان بچاءُ وارو اسپري ڪرائي بيمارين کان بچايو وڃي.

بقايا 06 سنڌيار

ويو مظاهرين پنهنجي خطاب ۾ چيو ته آمريڪا جي اشاري تي اسرائيل مسلمان ملڪ فلسطين تي جارحانا حملا ڪري قتلام ڪري رهيو آهي جيڪا هڪ ڪليل دهشتگردي آهي هنن پنهنجي مطالبي ۾ چيو ته اڄ اسان ڊسٽرڪٽ بار پاران فلسطيني مسلمانن سان ٿيندڙ ظلم جي خلاف يڪجهتي طور عدالتن جو ورڪ سسپينڊ رکيو آهي ۽ اڄ بار پاران هڪ ريزوليشن پاس ڪري سنڌ بار کي موڪليو ويندو جڏهن ته احتجاجي مظاهري جي اڳوائي ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جي صدر محمد اياز عبدالرحيم عباسي شرڪت علي ٻوهيو ابرار حسين چانڊيو مشتاق احمد ٻڏدي اختر پيرزادو شير محمد اڄڻ ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

بقايا 07 سنڌيار

ڪيو ويندو جيڪو ڪيترن ئي سالن کان بند پيل هو. مشينون بند هجڻ سبب خراب ٿي ويون آهن لمس حيدرآباد جي ماهر ٽيم انهن تي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي. ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سجڻ هاليپوٽو جو چوڻ هو ته لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ سائنسز جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اڪرام الدين اڄڻ جون هدايتون آهن ته دادو جي شهرين کي بهتر کان بهتر صحت جون سهولتون فراهم ڪيون وڃن. ڊاڪٽر سجڻ هاليپوٽو جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڊي ايڇ ڪيو لمس جي حوالي ٿيڻ کان پوءِ ڪافي بهتري آئي آهي وڌيڪ بهتري جي لاءِ ڪوشش جاري آهن سول اسپتال ۽ ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ لمس ليبارٽري قائم ڪئي وئي آهي جنهن ۾ 20 کان مختلف قسمن جون ٽيسٽون ڪيون ٿيون وڃن. ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ مرد ۽ عورتن جا ماهر ڊاڪٽرز مريضن جو چيڪ اپ ڪري رهيا آهن جڏهن ته دوائون به فراهم ڪيون ٿيون وڃن.

بقايا 08 سنڌيار

زمينن تي ٿيندڙ قبضن، والارن توڙي جعلي ڪاغذن جي آڌار تي بااثر قبضاگيرن پاران سندن زمينن تي ٿيندڙ قبضن خلاف دانهيندي الزام هڻندي چيو اهي ته مٺڪي خان ڀالاري جي پوٽي بصرالدين ڀالاري جي سنڌس ڏاڏي واري سروي زمين نمبر 451 ديهه ڪلو ڪوهر، تپو ڪلو ڪوهر ۾ 50 پيسا حصي موجب سنڌس حصي جي زمين ايراضي 15 ايڪڙ 15 گهنٽا آهي. جڏهن ته نصير احمد ڀالاري جي پڙ ڏاڏي درياءَ خان ولد هارون ڀالاري جي سروي زمين سروي نمبر 388 ايراضي 15 ايڪڙ 15 گهنٽا آهي. جنهن سموري زمين تي ڪوڙن ڪاغذن جي آڌار تي عبدالستار ولد عبدالله ۽ سنڌس والد قبضو ڪري اسانکي بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. جن زمينن جي هنن غلط انٽري به ڪرائي ڇڏي آهي. هنن چيو ته اسان توڙي اسانجي وڏڙن اهي زمينون وڪرو ئي ناهن ڪيون. پر هو طاقت جي زور تي اسانجي سروي زمينن تي قبضا ڪري اسانکي پنهنجي ئي ملڪيتن مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪي هاڻي اسانکي موتمار ڌمڪيون پڻ ڏيئي رهيا آهن. جن مان کين نقصان جو خطرو آهي. هنن نگران سنڌ حڪومت، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊي سي ٺٽو ۽ ڄامشورو سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سانُن انصاف ڪري سندن سروي زمينن تي ٿيندڙ قبضن کي ختم ڪرائي جعلي لهنڊڙ ڪاغذن کي ٻنجو ڏيئي ملوثن خلاف ڪاروائي ڪري ڪوهستاني زمينن جي ڪاٽن ۾ ٿيندڙ هيراڦيري جو نوٽيس وٺي رڪارڊ جي انڪوائري ڪرائي کين تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 09 سنڌيار

طلب ڪندي، ڪين جاچ ۽ ڪاروائي مڪمل ڪري عدالتي حڪمن کي نه مڃيندڙ صنعتن خلاف ڪاروائي' جي رپورٽ سميت 21 نومبر 2023ع تي پيش ٿيڻ جو حڪم تفصيل موجب ڪراچي جي رهائشي علائقن ۾ ڳوٺن اندر قائم غيرقانوني صنعتن منجهان خارج ٿيندڙ هاجيڪار دونهين ، دز، زهريلي ڪيميڪل ۽ پاڻي' سبب پيدا ٿيندڙ ماحولياتي گدلاڻ ۽ انسانن ، حيوانن ، وڻن ٽڻن توڙي ٻوٽن مٿان ان جي موتمار ۽ پوائٽن اثرن سان گڏ، جر جي پاڻي' ، واهڙن ، ڍنڍن توڙي سمنڊ جو پاڻي زهريلو ٿي وڃڻ سبب آبي جيوت ۽ تمر جي ٻيلن جي وڏي پئماني تي ٿيندڙ تباهي' خلاف، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي' جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي' پاران، سنڌ هاءِ ڪورٽ آڏو سنڌ جي ناليري قانون دان امان الله شيخ جي قانوني سهائتا هيٺ داخل ڪرايل هڪ آئيني پٽيشن تي جاري ڪيل حڪمن هيٺ، سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ٽربيونل آڏو ذاتي طور داخل ڪرايل ڪيس جي ٻڌڻي مسٽر جسٽس نثار محمد شيخ جي سربراهي' هيٺ مسٽر محمد عارف خان ۽ مسٽر عبدالرئوف ميمڻ صاحب تي ٻڌل ٽربيونل جي ٽي رڪني بئنچ آڏو ٿيڻي هئي، جيڪا فلسطينين سان مٿن ٿيندڙ اسرائيلي حملن خلاف گڏ بيهڻ جي ڏس ۾ ، ملڪ جي بار ڪائونسلن پاران سموري ملڪ جي عدالتن اندر ڪيل اسٽرائيڪين سبب نه ٿي سگهي ۽ عدالت پاران ايندڙ ٻڌڻي' جي تاريخ 19 نومبر 2023ع مقرر ڪئي وئي . اين ڊي پي صدر سان گڏ ، سنڌ جو ڏاهو ۽ ڪراچي' اندر سنڌين لاءِ ڏينهن رات پتوڙيندڙ قانون دان امتياز بروهي ٽربيونل آڏو ٻڌڻي' لاءِ پيش ٿيو.

بقايا 10 سنڌيار

خلاف ايس يو پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ميمبر ضلع ڪائونسل ڄامشورو مشڪور ياسمين ٽيبو جي اڳوائي ۾ خالي دلا مٽ ڪٺي سوين عورتن سميت رهواسين انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلاڪ شاميانا هڻي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ ڄامشورو روڊ تي سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافرن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون ڊي ايس پي خانوٽ ڌرڻي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙ عورتن سان ڳالهيون ڪيون ۽ مطالبي جي مڃتا تائين روڊ کولڻ کان انڪار ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ياسمين ٽيبو محمد ملوڪ ٽيبو مدد علي سولنگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظورآباد ۽ ڀرپاسي جي پندرنهن هزار هزار کان وڌيڪ آبادي پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهي ضلع چئرمين ڄامشورو سهيل شورو جي چونڊ تڪ يوسي جي منظورآباد شهر ۾ بنيادي سهولت نه هئڻ سبب عوام دربدر ٿي پنج ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري دٻن مان گدلو پاڻي ڀري اچ اجهائي ٿو عوام پنج هزار روپيا ڏئي ٽينڪر پڻ لهرائي ٿو جنهن سبب سندن ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته لاکڙا ڪول فيلڊ جي اربين روپيا ڪمائيندڙ ضلع جي شاهوڪار يوسي جو عوام بنيادي حق لاءِ دربدر آهي پر ڪافي پيرا دانهن باجود چئرمين ۽ پبلڪ هيلٿ ڪاتو ڪوب تدارڪ نه ڪري سگهيو آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ت فوري طور پاڻي بحال ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي هوڏانهن اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند محمد علي خاصخيلي ڌرڻي هنڌ پهچي مسئلو حل ٿيڻ تائين ٽينڪرن ذريعي پاڻي ڏياري مسئلو جلد حل ڪرائڻ جي خاطري تي روڊ کولرايو

بقايا 11 سنڌيار

. امڙ مسمات امير زادي ۽ ٻين چيو ته ڏيڍ سال اڳ اسان جي نوجوان حاڪم ملاح ۽ امين ملاح کي جوابدار منظور پهو ملاح فائرنگ ڪري بيدردي سان قتل ڪيو هو . ڏيڍ سال گذرڻ باوجود پوليس مڪ جوابدار کي اڃان تائين گرفتار ڪري نه سگهي آهي . مڪ جوابدار سرعام ڳوٺ اندر آزادي سان گهمي ڦري رهيو آهي پر هو گرفتار نه ٿي سگهيو آهي . جنهن جي ڪري هو ڪيس تان هٿ کڻائڻ لاءِ اسان کي جان کان مارڻ جون ڌمڪيون ڏيئي رهيو آهي ، جوابدار مٿان بااثر ماڻهن جو آشيرواد آهي . هنن ڊي آءِ جي حيدرآباد ، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سميت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدار کي فوري طور گرفتاري ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

بقايا 12 سنڌيار

خان خٽڪ مسافر ٽرين جي بحالي لاءِ فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ جي اڳوائي ۾ 269 هين ڏينهن به احتجاج احسان علي سومرو سرتاج علي سومرو، غلام سرور لاکو، شهزاد ميمڻ، قمر الدين ڇڄڙ، غلام حسين ملڪ شريڪ ٿيا فورم جي سرواڻ مشهور ميمڻ چيو ته ML2 روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ٽريڪ تي سنڌو درياءَ جي ساڄي پاسي آباد ڪروڙين سنڌ واسين خاطر ڪراچي لاءِ هڪ به ٽرين نه هجڻ سبب هزارين مسافر روزاني ڪوچ دوڙ ۽ وين جو وڏو ڪرايو ڀري ڪراچي اچ وڃ ڪن ٿا انڪري بنا دير ML2 روهڙي لاڙڪاڻو دادو ڪوٽڙي ڪراچي ٽريڪ تي ڪراچي لاءِ بولان ميل بحال ڪئي وڃي بي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي.

بقايا 13 سنڌيار

عزيز ملاح گرفتار تفصيل موجب ٽنڊو شهر ويجهو ڳوٺ ڪيرول جي رهواسي عزيز ملاح وٽ مهمان ٿي آيل ٽنڊو باگو لڳ ڳوٺ سهراب عمراڻي جو رهواسي نوجوان غلام مصطفيٰ عمراڻي پراسرارنموني فوت ٿي ويو جنهن جي ريورٽ ٽنڊو ٿاڻي تي داخل ڪرائي ويئي آهي ٽنڊو پوليس ميزبان عزيز ملاح کي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي جڏهن ته فوتي نوجوان جو انڊس اسپتال بدين مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارث لاش ڳوٺ کڻائي ويا رابطي ڪرڻ تي ايس ايڇ او ٽنڊو ٻڌايو ته جوابدار عزيز ملاح کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ ڪيس داخل ڪرڻ بعد جانچ ڪئي ويندي هوڏانهن فوتي نوجوان جي ڀاڻي منور عمراڻي اخبار وارن سان رابطي تي ٻڌايو ته راتيون اڳ عزيز ملاح فوتي غلام مصطفيٰ عمراڻي کي فون ڪري چيو ته مون کي ٽنڊوباگو کان ڳوٺ ڪيرول ڇڏي اچ جو جيئي وٺي ويو صبح جو فون ڪري ٻڌايو ته غلام مصطفيٰ جي طبعيت ٺيڪ نه آهي ڪار ڪاهي اچو ڪٺي وڃو جنهن بعد اسان ٽنڊو پهتا سين جتان بيهوش پيل غلام مصطفيٰ کي انڊس اسپتال بدين کڻي ويا سين جتي هن جي حالت خراب هئڻ سبب کيس حيدرآباد کڻي ويا سين جتي هو فوت ٿي ويو . منور عمراڻي ٻڌايو ته انڊس اسپتال جي ڊاڪٽرن موجب ته فوت ٿيل غلام مصطفيٰ جي ڪنڌ جو مڪو ٽٽل هو

بقايا 14 سنڌيار

عليه وسلم جو انعقاد ڪيو ويو. ان موقعي تي ممتاز مذهبي اسڪالر مولانا مقصود احمد راهوجو طاهري چيو ته محسن انسانيت صلي الله عليه وآله وسلم جي تعليمات تي عمل ڪندي، دين ۽ دنيا جي ڀلائي، محبت ۽ رواداري جي فروغ، امن ۽ سلامتي جي حفاظت، انسانيت جي احترام ۽ حقوق العباد جي پاسداري ڪري سگهجي ٿو .رحمت العالمين صلي الله عليه وآله وسلم جي ذات اقدس جامع المعجزات اهي، پيغام عشق رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي لاءِ اسان کي ڪوشان رهڻ کپي. ان موقعي تي خليفه محمود علي ميمڻ، خليفي حسيب احمد راهوجو، خليفه حافظ اعجاز احمد منگي، حافظ عظمت الله ميمڻ، مولانا بلال احمد پنهور، تاج محمد لڪڻ، صبغت الله ميمڻ، وديرا گل بيگ، بابل خان، مولانا عبدالله ميمڻ، عبدالجبار عيسيٰ خان، عزيز الله، محمد حيات، اظهر احمد ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 15 سنڌيار

الاهي بخش ميتلو، نائب صدر راحب ملاڻو، زاهد شيخ شاهنواز شر، امان الله ملڪ، شوڪت اڪرام ، غلام نبي چانڊيو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، ان موقعي تي احتجاج جي اڳوائي ڪندڙن خطاب ڪندي چيو ته عالمي اسلامي دنيا ۽ اقوام متحده فلسطينين تي ٿيندڙ ظلم تي خاموش آهن. فلسطين ۾ بيگناهه ماڻهن جو رت وهايو پيو وڃي هنن پاڪستان تي زور ڀريو ته اسرائيل کي دهشتگرد ملڪ قرار ڏئي گڏيل قومن تي زور ڀريو وڃي. ٻئي صورت ۾ فلسطيني پائرن جي حق ۾ احتجاج جاري رهندو.

بقايا 16 سنڌيار

جو مطالبو جهڏو ڏاجهرو موري سبزي منڊي ٽبي سر موڙ آهوري سلور موري گهگهه موري نوڪوٽ فضل پنهيرو روشن آباد نفيس نگر توڙي پوري تعلقي جهڏو ۾ منشيات سرعام ديدادليري سان وڪامجڻ لڳو جهڏو پوليس ڪاغرن جو پيپ پرڻ لاءِ نمائشي ڪاروايون ڪري آفيسرن کي سرمون پارائي رهي آهي ڊي آئي جي ميرپورخاص جي منشيات تي بندش واري فيصلي کي جهڏو پوليس ٽڏي ڇڏيو منشيات فروشن بدران راهگير ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري رهي آهي مليل جان موجب جهڏو پوليس روزانون ڪنهن ڪينهن ريڙهي هلائيندڙ پورهيتن کي گرفتار ڪري داب هيٺ ڏي منشيات جا ڪيس داخل جوچٽي ڳريون رقمون ٻري رهي آهي جڏهن ته ٻئي پاسي روزاني جي بنياد تي ئي لکين روپين جي منشيات سرعام وڪرو ٿي رهي آهي جهڏو واسين ٻاغي راهمون مولانا شعيب سنڌي علي گل انڙ شاهزيب پٽي ۽ ٻين ڊي آئي جي ميرپوخاص ايس ايس پي ميرپور خاص کان مطالبو ڪيو آهي ته جهڏو تعلقي ۾ منشيات جو ڪاروبار فوري بند ڪرائي منشيات فروش مافيه خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ ٻورهيت لڏي تان جهڏو پوليس جو ڏمر ٽاريون وڃي بصورت ۾ منشيات فروشن ۽ سندن سرپرستي ڪندڙ جهڏو پوليس خلاف بڪ هڙتال ڪئي ويندي

بقايا 17 سنڌيار

مري رمضان رند ۽ ٻين جي قيادت ۾ شاندار ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ سوين گاڏين جي قافلي ۾ هزارين جيالن سڄل ڳوٺ کان سپر هاءِ وي، ليآري ايڪسپريس وي کان ٿيندي بلاول هائوس اڳيان ڪونايل جلسي عام ۾ ٻهتي ان موقعي تي حاڪم علي جسڪاڻي چيو ته اسرائيل پاران معصوم فلسطينين جي نسل ڪشي جي سخت مذمت ۽ ڀرپور حمايت جو اعلان ڪريون ٿا ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو، شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو، شهيد شاهنواز ڀٽو کان ويندي ڪار ساز ريلي جي شهيدن تائين هڪ ڊگهي فهرست آهي پارٽي جا شهيد ملڪ ۽ قوم جو اثاثو آهن جن آمرن ۽ ظالمن سان مهاڏو اٽڪائيندي وطن عزيز لاءِ عظيم قرباني ڏئي امر ٿي ويا 18 آڪٽوبر تي هڪ سازش تحت ڪار ساز ريلي تي حملو ڪري شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي سوين پائر جيالن کي شهيد ڪيو ويو هي ڏهاڙو ملڪي تاريخ جو سڀ کان وڌيڪ سوڳ وارو ڏهاڙو آهي پر پ پ قيادت پنهنجي شهيدن کي سدائين دلين ۾ ياد رکيو آهي شهيدن جي قربانين کي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا الله پاڪ شهيدن جا درجات بلند ڪري اسين سڀ نوجوان قيادت بلاول ڀٽو زرداري جي سربراهي ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ڏنل مشن تحت شهيدن جي وارثن سان گڏ هونداسين.

بقايا 18 سنڌيار

حد مزدورآباد محلي ۾ موٽرسائيڪل ڦر جي مزاحمت دوران هٿيار بندن جي فائرنگ ۾ شهيد دانش جمالي جي ٻهرين ورسي ملهائي وئي شهيد دانش جمالي جي وارثن عبدالرئوف جمالي، محمد رفيق جمالي، شفيق جمالي، سارنگ جمالي سميت شهرين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن واقعي واري هنڌ پهچي ميڻ ٻتيون ٻاري گل نچاور ڪري دعا گهري وئي، شهيد جي وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته هڪ سال اڳ دانش جمالي کان هٿيار بندن موٽرسائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ۾ مزاحمت تي کيس گولين جو ڪاچ ڪو بڻائي شهيد ڪيو ويو هو هن چيو ته واقعي کي هڪ سال گذري ويو آهي ڪيس ۾ هڪ سهولتڪار اڃان تائين قانون جي پڪڙ کان آجو آهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته دانش جمالي کي شهيد ڪندڙ ۽ انهن جي سمورن سهولتڪارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 19 سنڌيار

واپرائي تعليمي اداري جي گيٽ تي مدهوش پيل همراهه جي ويڊيو پوليس جي پٽ وائڪي ڪري ڇڏي، شهرين موجب تعليمي ادارن اڳيان شراب واپرائڻ واري عمل خلاف پوليس ڪڪ پهچي به بيٺو نه پٽي ڪري جنهن جي ڪري موالي سڄو ڏينهن شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿي هاڻي ته تعليمي ادارن ۾ به داخل ٿيڻ لڳا آهن. هنن چيو ته نئون ڪوٽ جي تعليمي اداري جي اڳيان ڪچي شراب جو سرعام واهپو مستقبل جي معمارن تي وڏو اثر ڇڏيندو. هنن چيو ته موالي جي ڪري شاگردن سخت پريشاني ۾ ورتل آهن جڏهن ته نئون ڪوٽ پوليس جي حد ۾ ڪچي شراب جي سرعام وڪري سبب ڪيترن ئي نوجوانن جون زندگيون تباهه ٿي وڃن آهن پوليس ڪچي شراب جي ٻلين خلاف ڪابه ڪارروائي نه ٿي ڪري. هوڏانهن رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او نئون ڪوٽ ٻڌايو تعليمي اداري گورنمينٽ هائير سيڪنڊري اسڪول جي گيٽ تي ستل همراهه موالي نه پر چريو آهي.

بقايا 20 سنڌيار

رضا ٽالپر پريس ڪانفرنس دوران الزام هنيو آهي ته ايس ايس پي شڪارپور ڌوهارين جي ساٿاري ٿي سي اهلڪارن کي ويجهو رکي ٿو ٿاڻا به انهن حوالي ڪيا ويا آهن. ڪوٽ شاهو واقعي وقت ايس ايس پي خالد مصطفيٰ مون کي ويجهو ٿي اچڻ ته ڏنو پريس ڪانفرنس دوران پوليس آفيسر الزام هنيو ته ايس ايس پي مون کي اردلي وارا ڪم ۽ ٿي سي اهلڪارن کان ڊي ايس پي وارا ڪم وٺندو رهيو. هن چيو ته ايس ايس پي شڪارپور تيل جي مد ۾ ڪرپشن ڪري ٿو. مون کي 600 ليٽر بدران 250 لٽر تيل ڏنو وڃي ٿو. ايس ايس پي شڪارپور ميٽنگ ۾ مون کي گارگند ڪئي. هن ٿاڻا ڌوهارين جي ساٿاري ٿي سي اهلڪارن حوالي ڪيا آهن. ڊي ايس پي خانپور موجب ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جاويد جسڪاڻي ڪوٽ شاهو جي مغوي ايس ايڇ او ۽ اهلڪارن کي بازياب ڪرايو

بقايا 21 سنڌيار

جي شين جي اگهن ۾ من ماني اگهه وٺندڙ دڪاندارن خلاف ڪارروائي ڪري سخت ڏنڊ هنيا ويا. ان دوران دڪانن تي ريٽ لسٽون نه لڳائڻ وارن تي ڏنڊ پڻ وڌو ويو. جڏهن ته ٻين دڪاندارن کي خبردار ڪيو ويو ته قانون تي عمل ڪيو وڃي. ريٽ لسٽون فوري طور تي ظاهر ڪيون وڃن ۽ ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه سرڪاري اگهه تي وڪرو ڪيا وڃن . انهن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي. اسسٽنٽ ڪمشنر سکر دڪانن جي ٻاهران رکيل سامان تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي چيو ته ڪنهن کي به دڪانن ٻاهران سامان رکڻ جي اجازت ناهي. سمورا دڪاندار فوري طور تي دڪانن جي ٻاهران سامان هٽائي سامان رکي. دڪانن اندر. دڪان جي ٻاهران سامان نظر آيو ته ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر سکر صوبيا فلڪ راڻو چيو ته واپاري حد کان وڌيڪ قيمتي شيون وڪرو ڪري ويا آهن. مان روزاني جي بنياد تي مختلف بازارن جو دورو ڪري ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه چيڪ ڪندس ۽ نه رڳو ڏنڪو ۾ منافع خورن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 22 سنڌيار

جوڻ هاڙو پارٽي آفيس سڄاول ۾ وڏي احترام ۽ عقيدي سان ملهايو ويو. اڳواڻ پاران شهيدن کي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ قران خواني ڪرائي دعا گهري وئي. جڏهن ته ان کان اڳ ۾ ڪارساز سانحي ۾ شهيد ٿيندڙ جوهڙجمالي جو رهواسي ڪار ساز واقعي ۾ شهادت ماڻيندڙ شهيد حمزو ماڪڙو جي مزار تي پي پي ضلعي سڄاول جي صدر ۽ سابق ايم پي اي محمد علي خان ملڪاڻي جيالن سان گڏ حاضري ڀري چادر چاڙهي گل نچاور ڪيا. ان موقعي تي پي پي ضلعي سڄاول جي صدر سابق ايم پي اي محمد علي خان ملڪاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته شهيد زنده آهن ۽ هو ڪڏهن به مرندا نه آهن. پيپلز پارٽي شهيدن جي وارث پارٽي آهي جنهن هميشه پنهنجي شهيدن ۽ انهن جي وارثن جي سارلڌي آهي شهيد حمزو ماڪڙو جنهن جان قربان ڪري به شهيد راڻي جي حفاظت ڪئي مٿس فخر آهي تاريخ ۾ هميشه کين سنهري لفظن سان ياد ڪيو ويندو هن چيو ته پي پي کي ختم ڪرڻ وارا ياد رکن پي پي شهيدن جي پارٽي آهي جيڪا ٻمن ڳولن سان به ختم نه ٿيندي مخالفن کي پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا ته ايندڙ اليڪشن ۾ پي پي شاندار ڪاميابي ماڻي مخالفن کي تاريخي شڪست ڏيندي ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي ملڪ جو وزيراعظم بڻايو ويندو. ڏهاڙي ۾ ارباب وزير ميمڻ، ارباب ڪامران ميمڻ، منظور رحيم پليجو، عبدالواحد پرهياڙ، تجيب سرويچ، هيرسوهو، رئيس دانش خان ملڪاڻي، ڊاڪٽر هريش ڪمار، سردار رميزالحق زنئور، ڊاڪٽر اقبال ميمڻ ، فردوس عزيز ميربحر، راجه رميز ميمڻ، پروين جمال خان لغاري سميت سوين ڪارڪنن ۽ ورڪرن شرڪت ڪئي.

بقايا 23 سنڌيار

پريس ڪلب خانپورمهر ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته اسرائيل جي فلسطين مٿان بمباري جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا فلسطين جي مظلوم عوام مٿان فوري طور اسرائيلي بمباري بند ڪرائي وڃي جي يو آءِ اڳواڻن چيو ته جي يو آءِ سنڌ جي هر اشو تي هميشه احتجاج رڪارڊ ڪرايو آهي ۽ عوام سان گڏ بيٺل رهي آهي هن وقت سنڌ ۾ امن امان جو اهم مسئلو آهي جنهن لاءِ جمعيت علماء اسلام جي سيڪريٽري جنرل مولانا راشد محمود سومرو پاران سنڌ امن مارچ جو اعلان ڪيو ويو آهي امن مارچ 22 آڪٽوبر تي ٽيڙهي ٻاءَ پاس کان شروع ٿيندو جيڪو سنڌ جي مختلف شهرن کان ٿيندو 2 نومبر تي ڪراچي پهچندو جتي امن ڪانفرنس ٿيندي جي يو آءِ اڳواڻن گهوٽڪي ضلعي توڙي خانپور تعلقي جي عوام مختلف مڪتبهء فڪر جي ماڻهن کي امن مارچ ۾ شرڪت جي اپيل ڪندي چيو ته عوام امن مارچ ۾ ڀرپور نموني شريڪ ٿي ثابت ڪري ته اسين امن پسند آهيون ۽ اسان کي سنڌ امن امان کپي ٿو

بقايا 24 سنڌيار

مبينه طور آفيس جي اڪائونٽنٽ جميل بلوچ جي جي ڪيل لڄالت جي ڪوشش جي متاثر بيواهه عورت مسمات مريم خاصخيلي کي فارم جي ٻين 3 ملازمن پاران ڪيس داخل ڪرائڻ تان ڌمڪيون ڏيڻ واري عمل خلاف متاثر عورت مسمات مريم خاصخيلي ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب پهچي صحافين آڏو دانهيندي چيو ته مون سان وڏي زيادتي ٿي آهي ، گذريل ڏينهن ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي سپرينڊنٽ جي آفيس ۾ سنڌس غيرموجودگي ۾ اڪائونٽ آفيسر جميل بلوچ سنڌس فوت ٿي ويل ملازم مڙس رانجهو خاصخيلي جي سروس بڪ ڏيڻ جي بهاني ڪيس لڄالت جي ڪوشش ڪئي هئي جنهن جي داڻهن تعلقا پوليس اسٽيشن تي ڏيڻ ڪانپوءِ واپس ڳوٺ وڃڻ دوران ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي 3 ملازمن غلام حسين لغاري ، شبير سليو ۽ جمال لغاري ڪيس مارڪيٽ ۾ تشدد جو نشانو بڻائي ڪيس ته ڪرائڻ لاءِ سنڌس معصوم پٽ سميت اغوا ڪرائڻ ۽ قتل جي ڌمڪيون ڏنيون آهن . هن مطالبو ڪيو ته واقعي جي ذميوار ريڊ سنڌي ڪيٽل فارم جي اڪائونٽ آفيسر ۽ 3 وڌيڪ ملازمن خلاف تعلقي ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪري مون سان انصاف ڪيو وڃي .

بقايا 25 سنڌيار

مليريا جا ڪيس ظاهر ٿيا آهن جن ۾ 440 مريض دماغي مليريا جا شامل آهن. مليريا سينٽر عملي جو چوڻ آهي ته نئون ڪوٽ جي مليريا سينٽر تي ٻهتل مريضن ۾ وڏو تعداد ٿرپارڪر ضلعي جي تعلقي ڪلوئي ۽ ملي تعلقي جي علائقن جو آ جتي مريضن کي ٽيسٽ سميت مليريا جو علاج نٿو ملي جاڀايل علائقن جا مريض به نئون ڪوٽ اچن ٿا جتي اسان آر ڊي ٽي ڪٽس وسيلي مليريا جي اسڪرينگ ڪريون ٿا ۽ مليريا جي مريضن کي مفت علاج فراهم ڪيون ٿا. عملي موجب دماغي مليريا ۾ ورتل مريضن ۾ مڇردانيون به تقسيم ڪيون آهن جڏهن ته فضل پنهيرو ۽ آس پاس وارن ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري پڻ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا 26 سنڌيار

نمائندو اسان وٽ تعليم جهڙي اهم مسئلن توڙي ٻيون بنيادي سهولتون ڏيارڻ لاءِ ظاهر ناهن ٿيندا. اسان جي ٻچن جي تباهه ٿيل تعليم تي ڪو چونڊيل نمائندو سنجيده نه آهي. ڳوٺ بکر ماڇي جي ڳوٺاڻن تعليم کاتي ضلعي نئين ۽ نگران حڪومت سنڌ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته اسان جي ڳوٺ جي گرلز اسڪول کي ڪولرائي اسان جي نيائين جي تعليم کي وڌيڪ تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي.

بقايا 27 سنڌيار

آهي پران ۾ ڪلاس شروع ٿي نه سگهيا آهن هزارين نوجوان نياڻيون ۽ پڙهيا تعليم کان محروم زندگي گذارڻ تي مجبور آهن نگران سنڌ گورمينٽ خاموش تماشائي بنيل آهي گرلز هاءِ اسڪول جي بلڊنگ جا چاليهه ڪروڙ ٺيڪيدار کائي گهر ٿي ويو پران خلاف ڪو به ايڪشن نه ٿيو آهي اهڙي تعليم جي تباهي جي ڪري هر درد وند دل انسان روئي اکيون رت جا ڳوڙها ڳاڙين ٿيون پر حڪمرانن کي ڪا لڄ ليه ناهي ڪڙيو گهنور شهر جي باشعور شهرين تعليم بچايو ڪميٽي طرفان گذريل ٻارهن ڏينهن کان فاضل راهوجو چوڪ تي بڪ هڙتال جاري رکي پر حڪمران ڪامورا ننڊ جي آغوش ۾ مدهوش آهن

بقايا 28 سنڌيار

ڪريمان خاتون زخمن جا سور نه سهندي سکر اسپتال ۾ فوت ٿي ويئي ڏهه ڏينهن اڳ ڳوٺ خير محمد نصيراڻي ۾ امير بخش اوڳاهي ۽ ذڪريو اوڳاهي واري ڌرين ۾ ٻاراڻي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن ۾ ٻنهي ڌرين جي ساٿين هڪ ٻئي مٿان لٺيون ۽ سروٽا هڻي هڪبئي کي رتو رت ڪري ڇڏيو ان جهيڙي دوران سروٽو مٿي ۾ لڳڻ سبب مسمات ڪريمان زال ذڪريو سخت زخمي ٿي پيئي جنهن کي نازڪ حالت ۾ سکر اسپتال داخل ڪرايو ويو جتي رات دير سان زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويئي جنهنکي وارث ڪٺائي سول اسپتال ڪنڌڪوٽ مان سنڌس پوسٽ مارٽم ڪرائي اڄ منجهند جو سنڌس اباڻي قبرستان ۾ تدفين ڪئي ويندي ذريعن اهو به ٻڌايو ته ٻنهي جهيڙيندڙ ڌرين جو ڪالهه تيرهو به ٿيڻو هيو جيڪو بدقسمتي سان نه ٿي سگهيو

بقايا 29 سنڌيار

تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي درگاهه جي گادي نشين زنوار سيد گل حسين شاهه عيوضاڻي. سيد خادم حسين شاهه عيوضاڻي. سيد نوڪر حسين شاهه عيوضاڻي جي اڳوائي درگاهه تي دستار ۽ گلن جي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو.درگاهه کي سجايو ويو ۽ عالم انسانيت دين اسلام جي سربلندي لاءِ دعائون گهريون ويون. ان بعد مولانا سيد سرفراز علي شاهه پاران ايصال ثواب لاءِ مجلس عزا برپا ڪئي وئي آخر ۾ سنڌ جي مشهور قصيده خوانن فنڪارن پاران پرهه ڦٽي تائين ذڪر آل محمد بيان ڪيو ويو.

بقايا 30 سنڌيار

کي پرکڻ مستقبل ۾ ٿيندڙ تعليمي توڙي پيشه وراڻه امتحانن لاءِ شاگردن تيار ڪرڻ ۽ شاگردن جي حاصلات مطابق تعليم توڙي هم نصابي سرگرمين ترتيب ڏيڻ آهي . ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر محمد عتيق سومرو ان عهد کي ورجايو ته شاگردن جي حاصلات کي وسيع ڪرڻ ۽ انهن کي جديد دور جي تقاضائن پٽاندر بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون جاري آهن ۽ جاري رکيو وينديون . هوڏانهن ٽيسٽ منعقد ڪرائيندڙ ڪاميٽي ۾ پرنسپال پروفيسر محمد عتيق سومرو ، پروفيسر ڪامران خان مگريو، چيئرمين پرروفيسر سرفراز علي سومرو ، ميمبر پروفيسر عمران خان ڪلهوڙو شامل هئا .جڏهن ته نظرثاني ڪاميٽي ۾ پروفيسر تاج محمد گچل ، پروفيسر عابد سڪندر ڪوڪر ،پروفيسر منصور علي لاڙڪ شامل هئا جن پنهنجون ذميواريون خوش اصلوبي سان سرانجام ڏنيون.

بقايا 31 سنڌيار

نالين جي سر ڪاٽي ڪرائي چونا لڳرائي ڏنا ويا صفائي سترائي لائيٽنگ ۽ ٻين مسئلن بابت رابطي ڪرڻ تي ڪائونسلر 15 جي اقبال عباسي علائقي واسين ڪان صفائي سترائي بابت پڇاڻو ڪيو جتي علائقي واسين ڪجه هفتن تي سڙي پڇي پيل سيورن لاءِ کين آگاهه ڪيو ويو شڪايتن باوجود وارڊ 15 جي ڪائونسلر اقبال عباسي ڦورن ميونسپل ڪاميٽي جي لاڳاپيل لائيٽ برانچ جي انچارج کي لائيٽون لڳائڻ جون هدايتون ڪندي چيو ته جلد کان جلد اونداهي وارن علائقن ۾ سيور لڳرايا وڃن صحافي جي هڪ سول جي جواب ۾ ڪائونسلر اقبال عباسي چيو ته ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين فياض محمود شيخ، وائيس چيئرمين وسيم الدين صديقي ۽ سي ايم او عابد لطيف راجپوت جن شهر لاءِ بهتر ڪم ڪن پيا هن چيو ته هي اسان جو پنهنجو شهر آهي مونکي پنهنجي وارڊ پندرهن جي عوام چونڊرائي ايون ۾ آندو آهي پنهنجي وارڊ سميت عوام جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي کين خدمت ڪئي آهي ۽ خدمت ڪندو رهندس اقبال عباسي چيو ته مان ميونسپل جي ٽيم ميمبر ڪامران صديقي، سليم بروهي، حيدر ڪلهوڙو، امتياز سومرو، علي مردان شيخ، دادا پريتم نصرالله بروهي، ڪاشف عرف ڪاشي خان چانڊ جن به پنهنجون ڀرپور ديوٽيون سرانجام ڏئي شهر کي سنواريو آهي آخر ۾ وارڊ 15 جي ڪائونسلر اقبال عباسي وڌيڪ چيو ته پ پ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ايندڙ وڏي اليڪشن ۾ پ پ انشاالله سوپ ماڻيندي

بقايا 32 سنڌيار

سميت ٻين اعلا عملدارن کي گذارش ڪري ٿڪجي پيو آهيان پر ڪوبه زمين تان قبضو هٽائڻ لاءِ مدد ڪرڻ لاءِ تيار ناهي هن ايڊيوڪيٽ فقير رحمت الله هيسباڻي سميت ٻين وس وارن کي انصاف ڏيارڻ جي اپيل ڪئي آهي

بقايا 33 سنڌيار

مسلمانن جي نسل ڪشي خلاف ضلع ڪائونسل جي ميمبرن ڪي ڪي ڏيرو، علي اصغر برهماڻي، علي شير اختر خان، حسينه لغاري برڪت علي جتوئي، اختر وسير ۽ پاران رٿون پيش ڪيون ويون آهن ضلع ڪائونسل جي چئيرمين پاران ضلع ڪائونسل جي هر ميمبر کي سالانه ترقياتي ڪمن لاءِ 30 لک روپيا مخصوص سيٽ تي ميمبر کي 10 لک روپيا ڏيڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ اجلاس ۾ ميمبرن پاران سنڌ گورنمينٽ کان ملازمن لاءِ اسپيشل گرانٽ منظور ڪرائڻ، الاٽ ڪيل ڪوارٽرن جي مرمت، سماجي تنظيم ٽرڊيپ کي حڪومت پاران ڏنل پيسن جي چند ڇاڻ ڪرڻ جي به لاڳاپيل اختيارين کي سفارش ڪئي وئي آهي.

بقايا 34 سنڌيار

راڻيپور کان سکر پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪانپو احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري رات ڏينهن وارو احتجاج جاري رکيو ويو آهي پر افسوس جو 16 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود انصاف فراهم ڪندڙ عدليه ۽ حڪومت جي ڪنهن اداري نوٽيس نه ورتو آهي احتجاجي مرحلي جي سروائي ڪندڙ ڊاڪٽر نذير ڪوڪر مغوي اسلام سومرو جي والد محمد پريل سومرو، بلاول جاگيراڻي عطا محمد پتو ، ايڊووڪيٽ فياض خيساڻي، نور محمد تنيو لياقت منگي، سڪندر سرڪي جي ۽ ٻين ٻڌايو ته مغوين جي بازيابي لاءِ هڪ مهينو 14 ڏينهن کان جدوجهد ڪيون پيا پر افسوس سنڌ جي مظلوم ماڻهن جي احتجاجن جو نوٽيس نه افسوس ٿي ڪري سگهجي ٿو احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته هڪ ڏينهن اڳ ڪارساز جي شهيدن لاءِ پريس ڪلب پرسان جلسو ڪيو ويو پ پ جو مرڪزي اڳواڻ سيد خورشيد شاهه ڪئمپ جي پرسان صحافين جي احتجاج ۾ شرڪت باوجود اسان جي ڪئمپ تي لڙي نه آيو جڏهن ته احتجاج ۾ شامل سڪندر سرڪي ڪائنس پريا ڪماري ۽ ٻين مغوين بابت سوال ڪيو ته هن جواب ئي نه ڏنو اڳواڻن چيو ته اسان پهرين ڏينهن کان ۾ مسوقف رکيو آهي ته سنگرار جا سيد پريا ڪماري جي اغوا ۽ گمشدگي ۾ ملوث آهن هاڻي کين پڪ سان چئي سگهجي ٿو ته بااثر اغوا ڪارن کي تحفظ فراهم ڪيو پيو وڃي اسان جو هڪ ئي مطالبو آهي ته پريا ڪماري، اسلام سومرو، علي حسن ميمڻ ۽ ٻين مغوين جي بازيابي لاءِ ٺوس قدم کڻي مغوين جي وارثن جي بي چيني ختم ڪئي وڃي اسان مغوين جي بازيابي لاءِ جدوجهد جاري رکنداسين.

بقايا 35 سنڌيار

جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هو هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ آهي. هن چيو ته دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي. اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اهي دوائون غريب مريضن تائين پهچايون. هن ڊاڪٽرن کان مطالبو ڪيو ته اهي ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن. مريضن کي ڪراچي وٺي وڃڻ ۽ هتي مريضن جو علاج ڪريو چو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن. هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ رڳو غريب ئي علاج لاءِ اچن ٿا. ڪراچي جي اسپتالن ۾ علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريض ضرورت جي صورت ۾ ٻاهران دوا خريد ڪن ۽ مقامي طور تي خريد ڪيل دوائون ڪنهن کي به نه ڏين. هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن چو ته ايندڙ چونڊن ۾ انهن اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون ته جيئن اتي پاڻي، غسل خانو ۽ بجلي جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. هن مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال کي هدايت ڪئي ته ٽيڪنيڪل ادارن کي بهتر بڻايو وڃي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي جي ڪوٽ جي نشاندهي ڪئي. جنهن تي ڪمشنر چيو ته نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ کي سيڪريٽري صحت سان ڳالهائي ختم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون ڪميٽي ۽ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجن جي پرنسپالن شرڪت ڪئي.

ڪڪڙ لڳ انڊس هاءِ وي تي 2 هفتا اڳ مسافر ڪوچ ڦرواقعي ۾ اهم پيش رفت، 4 جوابدار گرفتار

ڪوچ کان ڦر ڪندڙ گينگ جي هڪ اهم ڪارندي سميت 4 ڌوهارين کي گرفتا ڪيو ويو آهي: پوليس

سليم عرف پيار علي ڪوڪر ۽ ان جو ساٿي سليم جمالي به مسافر ڪوچ ڦر ڪرڻ واري وارداتن ۾ ملوث هئا

گرفتار ڌوهارين جي نشاندهي تي پوليس ٽيمون تشڪيل ڏئي وڌيڪ گرفتارين جي لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

دادو(ان سنڌيار) دادو ويجهو ڪڪڙ لڳ انڊس هاءِ وي تي 2 هفتا اڳ مسافر ڪوچ ڦر واقعي ۾ اهم پيش رفت ٿي آهي پوليس موجب مسافر ڪوچ کان ڦر ڪندڙ گينگ جي هڪ اهم ڪارندي سميت 4 ڌوهارين کي گرفتا ڪيو ويو آهي مسافرن کان ڦريل رقم، موبائيل فونون ۽ ٻيو سامان برآمد ڪيو ويو آهي. پوليس موجب گرفتار ڪيل ڌوهارين ۾ خالد سولنگي عبدالحميد جمالي جڏهن ته خميس رات دير سان پوليس مقابلي ۾ گرفتار زخمي ڌوهاري سليم عرف پيار علي ڪوڪر ۽ ان جو ساٿي سليم جمالي به مسافر ڪوچ ڦر ڪرڻ واري وارداتن ۾ ملوث هئا. پوليس پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ٻڌايو آهي ته گرفتار ڌوهارين جي نشاندهي تي پوليس ٽيمون تشڪيل ڏئي وڌيڪ گرفتارين جي لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن پوليس ٻڌايو ته گرفتار ڌوهاري پوليس مقابلن سميت سنگين ڏوهن ۾ ملوث هئا.

بقايا 36 سنڌيار

زمينن تي ٿيندڙ قبضن، والارن توڙي جعلي ڪاغذن جي آڌار تي بااثر قبضاگيرن پاران سندن زمينن تي ٿيندڙ قبضن خلاف دانهيندي الزام هڻندي چيو اهي ته مٺڪي خان ڀالاري جي پوٽي بصرالدين ڀالاري جي سنڌس ڏاڏي واري سروي زمين نمبر 451 ديهه ڪلو ڪوهر، تپو ڪلو ڪوهر ۾ 50 پيسا حصي موجب سنڌس حصي جي زمين ايراضي 15 ايڪڙ 15 گهنٽا آهي. جڏهن ته نصير احمد ڀالاري جي پڙ ڏاڏي درياءَ خان ولد هارون ڀالاري جي سروي زمين سروي نمبر 388 ايراضي 15 ايڪڙ 15 گهنٽا آهي. جنهن سموري زمين تي ڪوڙن ڪاغذن جي آڌار تي عبدالستار ولد عبدالله ۽ سنڌس والد قبضو ڪري اسانکي بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. جن زمينن جي هنن غلط انٽري به ڪرائي ڇڏي آهي. هنن چيو ته اسان توڙي اسانجي وڏڙن اهي زمينون وڪرو ئي ناهن ڪيون. پر هو طاقت جي زور تي اسانجي سروي زمينن تي قبضا ڪري اسانکي پنهنجي ئي ملڪيتن مان بيدخل ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪي هاڻي اسانکي موتمار ڌمڪيون پڻ ڏيئي رهيا آهن. جن مان کين نقصان جو خطرو آهي. هنن نگران سنڌ حڪومت، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ ڊي سي ٺٽو ۽ ڄامشورو سميت سمورن وس وارن کان مطالبو ڪيو ته سانُن انصاف ڪري سندن سروي زمينن تي ٿيندڙ قبضن کي ختم ڪرائي جعلي لهنڊڙ ڪاغذن کي ٻنجو ڏيئي ملوثن خلاف ڪاروائي ڪري ڪوهستاني زمينن جي ڪاٽن ۾ ٿيندڙ هيراڦيري جو نوٽيس وٺي رڪارڊ جي انڪوائري ڪرائي کين تحفظ مهيا ڪيو وڃي.

بقايا 37 سنڌيار

جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هو هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ آهي. هن چيو ته دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي. اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اهي دوائون غريب مريضن تائين پهچايون. هن ڊاڪٽرن کان مطالبو ڪيو ته اهي ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن. مريضن کي ڪراچي وٺي وڃڻ ۽ هتي مريضن جو علاج ڪريو چو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن. هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ رڳو غريب ئي علاج لاءِ اچن ٿا. ڪراچي جي اسپتالن ۾ علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريض ضرورت جي صورت ۾ ٻاهران دوا خريد ڪن ۽ مقامي طور تي خريد ڪيل دوائون ڪنهن کي به نه ڏين. هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن چو ته ايندڙ چونڊن ۾ انهن اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون ته جيئن اتي پاڻي، غسل خانو ۽ بجلي جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. هن مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال کي هدايت ڪئي ته ٽيڪنيڪل ادارن کي بهتر بڻايو وڃي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي جي ڪوٽ جي نشاندهي ڪئي. جنهن تي ڪمشنر چيو ته نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ کي سيڪريٽري صحت سان ڳالهائي ختم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون ڪميٽي ۽ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجن جي پرنسپالن شرڪت ڪئي.

بقايا 38 سنڌيار

جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هو هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ آهي. هن چيو ته دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي. اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اهي دوائون غريب مريضن تائين پهچايون. هن ڊاڪٽرن کان مطالبو ڪيو ته اهي ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن. مريضن کي ڪراچي وٺي وڃڻ ۽ هتي مريضن جو علاج ڪريو چو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن. هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ رڳو غريب ئي علاج لاءِ اچن ٿا. ڪراچي جي اسپتالن ۾ علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريض ضرورت جي صورت ۾ ٻاهران دوا خريد ڪن ۽ مقامي طور تي خريد ڪيل دوائون ڪنهن کي به نه ڏين. هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن چو ته ايندڙ چونڊن ۾ انهن اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون ته جيئن اتي پاڻي، غسل خانو ۽ بجلي جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. هن مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال کي هدايت ڪئي ته ٽيڪنيڪل ادارن کي بهتر بڻايو وڃي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي جي ڪوٽ جي نشاندهي ڪئي. جنهن تي ڪمشنر چيو ته نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ کي سيڪريٽري صحت سان ڳالهائي ختم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون ڪميٽي ۽ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجن جي پرنسپالن شرڪت ڪئي.

بقايا 39 سنڌيار

طلب ڪندي، ڪين جاچ ۽ ڪاروائي مڪمل ڪري عدالتي حڪمن کي نه مڃيندڙ صنعتن خلاف ڪاروائي' جي رپورٽ سميت 21 نومبر 2023ع تي پيش ٿيڻ جو حڪم تفصيل موجب ڪراچي جي رهائشي علائقن ۾ ڳوٺن اندر قائم غيرقانوني صنعتن منجهان خارج ٿيندڙ هاجيڪار دونهين ، دز، زهريلي ڪيميڪل ۽ پاڻي' سبب پيدا ٿيندڙ ماحولياتي گدلاڻ ۽ انسانن ، حيوانن ، وڻن ٽڻن توڙي ٻوٽن مٿان ان جي موتمار ۽ پوائٽن اثرن سان گڏ، جر جي پاڻي' ، واهڙن ، ڍنڍن توڙي سمنڊ جو پاڻي زهريلو ٿي وڃڻ سبب آبي جيوت ۽ تمر جي ٻيلن جي وڏي پئماني تي ٿيندڙ تباهي' خلاف، نيشنل ڊيموڪريٽڪ پارٽي' جي مرڪزي صدر ممتاز بروهي' پاران، سنڌ هاءِ ڪورٽ آڏو سنڌ جي ناليري قانون دان امان الله شيخ جي قانوني سهائتا هيٺ داخل ڪرايل هڪ آئيني پٽيشن تي جاري ڪيل حڪمن هيٺ، سنڌ انوائرنمينٽل پروٽيڪشن ٽربيونل آڏو ذاتي طور داخل ڪرايل ڪيس جي ٻڌڻي مسٽر جسٽس نثار محمد شيخ جي سربراهي' هيٺ مسٽر محمد عارف خان ۽ مسٽر عبدالرئوف ميمڻ صاحب تي ٻڌل ٽربيونل جي ٽي رڪني بئنچ آڏو ٿيڻي هئي، جيڪا فلسطينين سان مٿن ٿيندڙ اسرائيلي حملن خلاف گڏ بيهڻ جي ڏس ۾ ، ملڪ جي بار ڪائونسلن پاران سموري ملڪ جي عدالتن اندر ڪيل اسٽرائيڪين سبب نه ٿي سگهي ۽ عدالت پاران ايندڙ ٻڌڻي' جي تاريخ 19 نومبر 2023ع مقرر ڪئي وئي . اين ڊي پي صدر سان گڏ ، سنڌ جو ڏاهو ۽ ڪراچي' اندر سنڌين لاءِ ڏينهن رات پتوڙيندڙ قانون دان امتياز بروهي ٽربيونل آڏو ٻڌڻي' لاءِ پيش ٿيو.

بقايا 40 سنڌيار

خلاف ايس يو پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ميمبر ضلع ڪائونسل ڄامشورو مشڪور ياسمين ٽيبو جي اڳوائي ۾ خالي دلا مٽ ڪٺي سوين عورتن سميت رهواسين انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلاڪ شاميانا هڻي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ ڄامشورو روڊ تي سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافرن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون ڊي ايس پي خانوٽ ڌرڻي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙ عورتن سان ڳالهيون ڪيون ۽ مطالبي جي مڃتا تائين روڊ کولڻ کان انڪار ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ياسمين ٽيبو محمد ملوڪ ٽيبو مدد علي سولنگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظورآباد ۽ ڀرپاسي جي پندرنهن هزار هزار کان وڌيڪ آبادي پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهي ضلع چئرمين ڄامشورو سهيل شورو جي چونڊ تڪ يوسي جي منظورآباد شهر ۾ بنيادي سهولت نه هئڻ سبب عوام دربدر ٿي پنج ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري دٻن مان گدلو پاڻي ڀري اچ اجهائي ٿو عوام پنج هزار روپيا ڏئي ٽينڪر پڻ لهرائي ٿو جنهن سبب سندن ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته لاکڙا ڪول فيلڊ جي اربين روپيا ڪمائيندڙ ضلع جي شاهوڪار يوسي جو عوام بنيادي حق لاءِ دربدر آهي پر ڪافي پيرا دانهن باجود چئرمين ۽ پبلڪ هيلٿ ڪاتو ڪوب تدارڪ نه ڪري سگهيو آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ت فوري طور پاڻي بحال ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي هوڏانهن اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند محمد علي خاصخيلي ڌرڻي هنڌ پهچي مسئلو حل ٿيڻ تائين ٽينڪرن ذريعي پاڻي ڏياري مسئلو جلد حل ڪرائڻ جي خاطري تي روڊ کولرايو

بقايا 41 سنڌيار

خلاف ايس يو پي ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ ۽ ميمبر ضلع ڪائونسل ڄامشورو مشڪور ياسمين ٽيبو جي اڳوائي ۾ خالي دلا مٽ ڪٺي سوين عورتن سميت رهواسين انڊس هاءِ وي تي 3 ڪلاڪ شاميانا هڻي ڌرڻو هنيو ويو جنهن سبب سيوهڻ ڄامشورو روڊ تي سوين گاڏين جون قطارون لڳي ويون مسافرن کي سخت مشڪلاتون پيش آيون ڊي ايس پي خانوٽ ڌرڻي واري هنڌ پهچي احتجاج ڪندڙ عورتن سان ڳالهيون ڪيون ۽ مطالبي جي مڃتا تائين روڊ کولڻ کان انڪار ڪيو ويو ان موقعي تي اڳواڻن ياسمين ٽيبو محمد ملوڪ ٽيبو مدد علي سولنگي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پبلڪ هيلٿ کاتي جي نااهلي سبب منظورآباد ۽ ڀرپاسي جي پندرنهن هزار هزار کان وڌيڪ آبادي پيئڻ جي پاڻي کان محروم آهي ضلع چئرمين ڄامشورو سهيل شورو جي چونڊ تڪ يوسي جي منظورآباد شهر ۾ بنيادي سهولت نه هئڻ سبب عوام دربدر ٿي پنج ڪلوميٽر مفاصلو طئي ڪري دٻن مان گدلو پاڻي ڀري اچ اجهائي ٿو عوام پنج هزار روپيا ڏئي ٽينڪر پڻ لهرائي ٿو جنهن سبب سندن ڪاروبار ٺپ ٿي ويو آهي هنن وڌيڪ چيو ته لاکڙا ڪول فيلڊ جي اربين روپيا ڪمائيندڙ ضلع جي شاهوڪار يوسي جو عوام بنيادي حق لاءِ دربدر آهي پر ڪافي پيرا دانهن باجود چئرمين ۽ پبلڪ هيلٿ ڪاتو ڪوب تدارڪ نه ڪري سگهيو آهي هنن وس وارن کان مطالبو ڪيو ت فوري طور پاڻي بحال ڪرائي بي چيني ختم ڪئي وڃي هوڏانهن اسسٽنٽ ڪمشنر مانجهند محمد علي خاصخيلي ڌرڻي هنڌ پهچي مسئلو حل ٿيڻ تائين ٽينڪرن ذريعي پاڻي ڏياري مسئلو جلد حل ڪرائڻ جي خاطري تي روڊ کولرايو

بقايا 42 سنڌيار

جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي. هو هڪ اجلاس جي صدارت ڪري رهيا هئا. هن افسوس جو اظهار ڪيو ته اسپتالن ۾ دوائن جي ڪوٽ آهي. هن چيو ته دوائون پوريون آهن پر مريضن کي دوائون نه ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته حڪومت ڪروڙين رپيا دوائن جي خريداري تي خرچ ڪري ٿي. اها اسان سڀني جي ذميواري آهي ته اهي دوائون غريب مريضن تائين پهچايون. هن ڊاڪٽرن کان مطالبو ڪيو ته اهي ريفر ڪرڻ جو رواج بند ڪن. مريضن کي ڪراچي وٺي وڃڻ ۽ هتي مريضن جو علاج ڪريو چو ته ڪراچي جا ڊاڪٽر به توهان جيترا اهل آهن. هن چيو ته سرڪاري اسپتالن ۾ رڳو غريب ئي علاج لاءِ اچن ٿا. ڪراچي جي اسپتالن ۾ علاج جو خرچ برداشت نه ٿا ڪري سگهن. هن چيو ته اسپتال جي وارڊن ۾ داخل مريض ضرورت جي صورت ۾ ٻاهران دوا خريد ڪن ۽ مقامي طور تي خريد ڪيل دوائون ڪنهن کي به نه ڏين. هن اسپتالن ۾ صفائي سترائي جو نظام بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي. هن تعليم کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن چو ته ايندڙ چونڊن ۾ انهن اسڪولن ۾ پولنگ اسٽيشنون قائم ڪيون وينديون ته جيئن اتي پاڻي، غسل خانو ۽ بجلي جي دستيابي کي يقيني بڻايو وڃي. هن پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٽائون ڪميٽين جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته شهرن ۾ صفائي جي نظام کي بهتر بڻايو وڃي. هن مونو ٽيڪنيڪل انسٽيٽيوٽ جي پرنسپال کي هدايت ڪئي ته ٽيڪنيڪل ادارن کي بهتر بڻايو وڃي. ان کان اڳ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ۽ ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ سول اسپتال نوشهروفيروز سول اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ ٻين طبي عملي جي ڪوٽ جي نشاندهي ڪئي. جنهن تي ڪمشنر چيو ته نوشهروفيروز ۾ ڊاڪٽرن جي ڪوٽ کي سيڪريٽري صحت سان ڳالهائي ختم ڪيو ويندو. اجلاس ۾ ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم، ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر سميع الله سنجراڻي، اسسٽنٽ ڪمشنر، ضلعي ايجوڪيشن آفيسر، پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ، ٽائون ڪميٽي ۽ مختلف ٽيڪنيڪل ڪاليجن جي پرنسپالن شرڪت ڪئي.

بقايا 43 سنڌيار

نالين جي سر ڪاٽي ڪرائي چونا لڳرائي ڏنا ويا صفائي سترائي لائيٽنگ ۽ ٻين مسئلن بابت رابطي ڪرڻ تي ڪائونسلر 15 جي اقبال عباسي علائقي واسين ڪان صفائي سترائي بابت پڇاڻو ڪيو جتي علائقي واسين ڪجه هفتن تي سڙي پڇي پيل سيورن لاءِ کين آگاهه ڪيو ويو شڪايتن باوجود وارڊ 15 جي ڪائونسلر اقبال عباسي ڦورن ميونسپل ڪاميٽي جي لاڳاپيل لائيٽ برانچ جي انچارج کي لائيٽون لڳائڻ جون هدايتون ڪندي چيو ته جلد کان جلد اونداهي وارن علائقن ۾ سيور لڳرايا وڃن صحافي جي هڪ سول جي جواب ۾ ڪائونسلر اقبال عباسي چيو ته ميونسپل ڪاميٽي چيئرمين فياض محمود شيخ، وائيس چيئرمين وسيم الدين صديقي ۽ سي ايم او عابد لطيف راجپوت جن شهر لاءِ بهتر ڪم ڪن پيا هن چيو ته هي اسان جو پنهنجو شهر آهي مونکي پنهنجي وارڊ پندرهن جي عوام چونڊرائي ايون ۾ آندو آهي پنهنجي وارڊ سميت عوام جي هر ممڪن ڪوشش ڪندي کين خدمت ڪئي آهي ۽ خدمت ڪندو رهندس اقبال عباسي چيو ته مان ميونسپل جي ٽيم ميمبر ڪامران صديقي، سليم بروهي، حيدر ڪلهوڙو، امتياز سومرو، علي مردان شيخ، دادا پريتم نصرالله بروهي، ڪاشف عرف ڪاشي خان چانڊ جن به پنهنجون ڀرپور ديوٽيون سرانجام ڏئي شهر کي سنواريو آهي آخر ۾ وارڊ 15 جي ڪائونسلر اقبال عباسي وڌيڪ چيو ته پ پ هميشه عوام جي خدمت ڪئي آهي ايندڙ وڏي اليڪشن ۾ پ پ انشاالله سوپ ماڻيندي

روزاني سنڌيار کي نمائندا گهرجن

Reg No 2677 ABC Certified
روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com